ڪلياڻ جي راهه

(هڪ مهاتما جا پروچن)

سمپادڪ

ديپچندر بيلاڻي

ارپڻ ڪريان ٿو پنهنجي
پوڄ سرڳواسي شريمتي سگهو بائي آسرداس ڄيٺاڻي
احمدآباد واري جي پوتر يادگيريءَ ۾

Telaram
(Telaram. A. Jetani)

KALYAN - JI - RAH

ڪلياڻ جي راهه

(سوامي رامسکداس مهاراج جا پروچن)

سنڌيڪار :

ديپچند ر بيلاڻي ايم. اي.

پرڪاشڪ :

آتم درشن پرڪاشن منڊل

ٻيو محلا، نواب ڪا بيڙا، اجمير

ڪاپيون ١٠٠٠] پوڻا ٻه روپيه [ڇاپو پهريون

* فهرست *

Printed By M. P. Raichandani, Asha Printers
Hathi Bhata, Ajmer
&
Published by Deepchandra Belani
Secretary "Atma Darshan Prakashan Mandal"
Nawab ka Bera, Ajmer.

* اڳ اکر *

سوامي رامسکداس مهاراج هن وقت جي سنتن ۾ مکيہ
استان والاري ٿو. هو ودوان، سٺو ليکڪ، آتم وياکيان
ڪندڙ ۽ انڀوي پرش آهي. هو ڳوڙهي گيان جون
ڳالهيون بہ سرل ڀاشا ۾ سمجهائيندو آهي. هو تياڳي
پرش آهي ۽ سندس ڪو مٺ مندر ٺهيل ڪونهي،
جتي سدائين لاءِ ٽڪاڻو هجيس.

سندس مکارويند مان نڪتل اوچ ڪوٽيءَ جا
پروچن جڳياسن لاءِ سنڌيءَ ۾ بہ ميسر هجن، انهيءَ
خيال کان مون اهي هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ انواد
ڪيا آهن. مونکي وشواس آهي تہ پڙهندڙن لاءِ
اهي ڪارگر ٿيندا، بشرطيڪ انهن کي ڌيان سان
پڙهي، انهن تي عمل ڪيو ويندو.

پريہ شري برجيش ۽ ستيش مورجاڻي (ڀوپال
نواسي) کي جس هجي، جن پنهنجي ماتا جي ياد ۾
هن پستڪ ڇپائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

٣١ مارچ ١٩٨٦ع

سيوا ۾

ديپچند ر. بيلاڻي

سيڪريٽري "آتم درشن پرڪاش منڊل"



شريمتي لڪشمي ديوي مورجاڻي

جنم : ٢٣ مئي ١٩١٣ع

سرڳواس : ٩ مئي ١٩٨١ع

* ارپڻ پتر *

گھڻيءَ شرڌا ۽ سڪ سان هي پستڪ ارپڻ
ڪريون ٿا پنهنجي ممتا مئي پوڄيہ ماتا
لڪشمي ديوي دولهڻ نرمل مورجاڻيءَ
جي پوتر سمرتيءَ ۾

ستيش ۽ برجيش مورجاڻي
(ڀوپال)

ओ३म्

ڪلياڻ جي راهه

(١)

وهنوار ۽ پرمارٿ

سنسار ۾ رهڻ جي وديا

اسانجي من ۾ اها ڳالهه آئي آهي ته سنسار ۾ جيڪڏهن رهڻ اچي وڃي ته اسانجي مڪتي ٿي وڃي. سنسار ۾ رهڻ هڪ وديا آهي. اها وديا ڪيئن سمجهون؟ وهنوار ۾ اٺون ته سيڙهو پيار آهي. ڪنهن به ڪم ۾ لڳو ته اُنهيءَ ڪم ڪرڻ جي وديا اچڻ گهرجي ۽ ڪم ڪرڻ گهرجي. جيئن روٽي ناهڻي آهي، روٽي ناهڻ ته اچي ٿي پر روٽي ناهي نٿو ته روٽي ڪانه ٿيندي. ۽ روٽي ناهي ٿو پر روٽي ناهڻ نٿي اچيس ته روٽي سٺي نٿي ٿئي. اُنهيءَ ڪري ڪنهن به ڪاريه ۾ گيان ۽ ڪرم ٻنهي جي ضرورت آهي.

سنسار ۾ رهڻ جي وديا ڇا آهي؟ اُن کي سمجهڻو آهي. سمجهو ته هڪ ماڻهو آهي، جنهن کي ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀاڄائي، استري، پٽ وغيره آهن. اُنهن سان فقط

چاهيندا ته ڪنهن کي نه. ٻين جي انصاف ٻڌائيندڙ چاهيندا
پنهنجي شڪتيءَ موجب پوري ڪرائون. اسان نٿا
چاهيون ته انهن جي چاهنا جو پوري ڪرائون؟ انهن جي
چاهنا پوري ڪرڻ سان پنهنجي چاهنا جي ٻيائي ڪرڻ
جي شڪتي اچي وڃي ٿي. پنهنجي سوارٿ جي ئي
ڳالهه ڪندا رهندا ته پنهنجي چاهنا جي ٻيائي جي
شڪتي ناس ٿي ويندي. اسان ٻين جي سهائتا
شوا ڪندا رهون ته اسان آزاد ٿي وينداسين.
سنسار ۾ رهي آزاد ٿيڻ ئي سنسار کان اوچو اٿڻ آهي.
اهائي مڪتي آهي.

ڪيئن رهون؟

جنهنجو من سم اوستا ۾ استٿت ٿي ويو آهي، انهن
پرش هتي ئي زنده اوستا ۾ سنسار کي جيتي ورتو
آهي. سم اوستا ڇا آهي؟ دل وٽان، چاهي دل جي
ابتڙ اوستا ملڻ تي اُن ۾ سک دک نه ٿئي، خوشي غم
نه ٿئي. سنسار جي ڪهڙي به اوستا اسان کي ڏوڏي
نه سگهي ته اسان سوڀ حاصل ڪئي. جيڪڏهن سنسار
جي موافق ۽ ناموافق حالت اسان تي اثر ڪيو ته اسان
هارايو. اها اسان تي اثر ڪڏهن نه ڪندي، جڏهن
اسان سنسار ۾ پنهنجي لاءِ نه رهنداسين. اهڙيءَ طرح
رهڻ سان سنسار کان اوچا اٿنداسين.

انهن جي ڀلي لاءِ ئي وهنوار ڪري. فقط انهن جي ئي سيوا ڪري. فقط انهن کي ئي سک پهچائي. پنهنجي سک جي ذري به خواهش نه رکي. جيڪو پنهنجي سک جي اڇا ڪري ٿو، ان کي سنسار ۾ رهڻ جي ڪلا اچي ئي ڪانهي.

ڪجهه چاهڻ پراڌين ٿيڻ

توهان پنهنجي ڪٽنب ۾ رهو ٿا ۽ ڪٽنب جي سيوا ڪريو ٿا. پاڻ ڀليا وڃو ٿا ته سيوا ڪانه ٿا ڪريو، ٿڪ ولو ٿا. ڪو اسان کي رستو ٻڌائي، اسان جي سنڀالنا ڪري، اسان کي رهڻ جي جڳهه ڏئي، اسان کي ماني پياري، ڪوئي اسان کي ڪجهه ڏئي، جنهنڪري اسان پنهنجي پالنا ٺيڪ ڪريون. اهڙيءَ طرح سيوا چاهيندي رهڻ سان اسانجو ڪلياڻ نٿو ٿئي. اسان ڪنهن کان ڪجهه چاهيون ٿا ته پراڌين ٿي وڃون ٿا، اهو هڪ اصول آهي. جڏهن اسان ڪجهه به نه چاهيون ٿا، تڏهن اسان بلڪل پراڌين نٿا ٿيون. بلڪل سواڌين (آزاد) ٿيون ٿا. سنسار کان ڪجهه چاهڻ، پنهنجو پاڻ کي پراڌين (پرواس) بڻائڻ آهي.

مڪتي ڇا آهي؟

سنسار اسان کان گهڻو ڪجهه چاهي ٿو. جيڪڏهن انجي چاهنا پوري ڪريون ٿا ته اسان سواڌين آهيون. پنهنجي

جي سک لاءِ رهون ٿا، اُنهن جي ڀلي لاءِ - آرام لاءِ رهون ٿا. ڪين سک ڀوڳائڻ لئي اسان جو ڪم آهي. ڇو ن ٿا ته اسان جڏهن شيوا ڪريون ٿا، اُهي جيڪڏهن دک ڀوڳائين ته اسان ڇا ڪريون؟

اُهي دک ڀوڳائين ته اسان جو ترت ڪلياڻ ٿيندو. اسان شيوا ڪري پنهنجو ڪلياڻ ڪريون ٿا؛ اُهي دک ڏين ٿا ته دک ڏيڻ سان اسان جي پاپن جو ناس ٿيندو. پاپن جي ناس ٿيڻ سان انتهڪرڻ نرمل ٿيندو. شيوا ڪرڻ سان تياڳ ٿيندو. اسان کي ٻٽو لاڀ ٿيندو. ڪين سک ڪين ڀوڳي، ان لاءِ ئي سنسار ۾ رهون ٿا، اهو آهي اسان جو فرض. چاهڻ اسان جو فرض ڪين آهي. اسان جو فرض ته سڀن چاهنا پوري ڪرڻ آهي.

چاهنا پوري ڪرڻ ۾ ان ڳالهين جو ڌيان رکڻو آهي. هڪ ته سڀن چاهنا اُنياءَ پورڻ لاءِ نه آهي يعني چاهنا نياءَ پڌاندر هجي. ٻيو ته اسان جي شڪتيءَ موجب هجي. اُنهن جي چاهنا نياءَ پڌاندر هجي پر اسان جي شڪتيءَ کان ٻاهر جي ڳالهه هجي ته هٿ جوڙي ڪانئن ڪشما گهرون ته پاڻ، اسان لاءِ سمرٿ ڪونهيون، اسان وٽ اهڙي شڪتي ڪانهي، اُنهيءَ ڪري توهان معاف ڪريو. جيڪڏهن شڪتي هجي ته سڀن چاهنا پوري ڪريون. اهڙيءَ طرح سنسار ۾ جل ۾ ڪمل جي

پنهنجي لاءِ نه رهون

اسان جا ماتا پتا آهن ته اسان ماتا پتا جي شيوا ڪريون. انهن ۾ ڪا چاهنا نه رکون. انهن سان چاهنا ڇو نه رکون؟ انهن جو ئي ڏنل شرير آهي، شڪتي آهي. جيڪي ڪجهه اسان کي مليو آهي، انهن ماڻهن کان ئي مليو آهي، ته انهن ماڻهن لاءِ ڪم ڪرڻو آهي، پنهنجي سوارٿ ساڌڻ لاءِ نه. ٻالڪ کي جن شرير ڏنو، سمجهه ڏني، يوگيتا ڏني، انهن جي ڏنل وستو ذريعي فقط انهن جي شيوا ڪرڻي آهي؛ انهن کان مليل وستو انهن کي ڏئي ڇڏڻي آهي ته ڏيڻ لاءِ ئي اسان کي رهڻو آهي، پنهنجي لاءِ نه رهڻو آهي. پنهنجي لاءِ اسان نه رهنداسين، ته آهي اسان سان سٺو وهنوار ڪن يا برو وهنوار ڪن، انهن جي شيوا ڪيئن ٿئي، انهن کي سک ڪيئن ٿئي، انهن جو ڀلو ڪيئن ٿئي، انهن جو آڌار ڪيئن ٿئي، انهن کي آرام ڪيئن ٿئي - اهائي ڀاونا رکڻي آهي. اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان اسان دکي ٿينداسين، اهو سوال اٿي سگهي ٿو ته اسان دکي ڇو ٿينداسين، جڏهن انهن کان ڪجهه چاهينداسين؛ آهي نه ڪندا. اسان چاهيون ٿا؛ هو ڪن ته پوءِ اسان دکي ڪيئن ٿينداسين؟ جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا؛ هو نه ڪندا ته دک ٿيندو ئي. اسان ته فقط انهن جي شيوا لاءِ رهون ٿا، انهن

سان دکہ نہ ٿئي ها. جيڪو اسان جو اُڻ واقف آهي، اسان سان اُن جو ڪو سنبنڌ ڪونهي، اُن جي مرڻ جو دکہ اسان کي ڪونہ ٿو ٿئي. اهڙي سکہ وٺڻ جي آشا نہ رهي، تہ بہ دکہ نٿو ٿئي. جيئن تمام ٻڍو ماڻهو ٩٠ يا ١٠٠ سالن جو ٿي وڃي تہ اُن جو دکہ نٿو ٿئي. ماڻهو تہ اهڙي قدر چوندا آهن تہ اُن جو مرڻ شاديءَ جهڙي ڳالهہ آهي، گهٽ آنند جي ڳالهہ آهي. ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ هاڻي اُن مان سکہ جي ڪائي آشا نہ رهي آهي. ڪنهن طرح هُو اسان جي شيوا ڪندو، اسان جو پالو ڪندو، اهڙي اُميد نہ رهي آهي. انهيءَ ڪري دکہ ڪونہ ٿو ٿئي. جوانيءَ جي عمر ۾ ٢٠-٢٥ سالن جي عمر جو ٿي وڃي ٿو تہ دکہ ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اُن مان آشا-ٻڌي رکي ويٺي آهي تہ سکہ ملندو ۽ چيو تہ "آشا ئي پرم دکہ آهي." دکن جو خاص ڪارڻ آشا ئي آهي ۽ "نراشا ئي پرم سکہ آهي." دکہ ۽ سکہ ٻنهي ۾ 'پرم' لفظ ڏنو ويو آهي. 'آشا ئي پرم دکہ' 'نراشا پرم سکہ' تہ اُن مان آشا نہ رکي، اُن جي آشا پورن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. اُن مان آشا نہ رکڻ سان، اُن جي موت جو دکہ نہ ٿيندو. ٢٥ سالن جو ٿي ٿو، اُن مان آشا رهي ٿي. اُن مان بہ آشا نہ رهي تہ اُن مان بہ دکہ نہ ٿئي. سمجهو تہ اهو ١٥ سالن جي عمر کان بيمار ٿيو ۽ ٢٥ سالن جو ٿي ويو. وڏن ڊاڪٽرن جواب

پڻ وانگر رهون. ڪمل جو پن جل ۾ رهندي ٻڏي نٿو. موتيءَ وانگر اُن جي مٿان ڪرندو رهي ٿو، نه ٻوڙي نٿو. جيئن ڪڪڙ ٻڏي پوندو آهي، تيئن اهو ٻڏي نٿو. اهڙيءَ طرح ئي اسان پنهنجي لاءِ نه رهي فقط شيوا لاءِ رهون ته ٻچنداسين ڪين ٻئي سنسار ۾ ڦاسنداسين. فقط اُنهن لاءِ ئي رهون، پنهنجي لاءِ رهون ئي نه. پنهنجي لاءِ ڪجهه چاهيون ئي نه.

جيئن تائين ڪمل جي پن کي نه پاڻي جل ۾ ئي ملي ٿو، توهان جو گذر ۽ سموريءَ شڪتيءَ سان ئي ٿيندو، ته فقط شيوا ڪرڻ لاءِ گذر ماتر ئي ڪرجي. مگر اسانجون ڪرڻيون اسان لاءِ نه هجن. ڪالهه ملل چيز، ڪنهن ئي ڏيندا رهون. اسان وٽ جي اڃا جو قطعي ليکي ڪري ڇڏيون ته شيوا ڪرڻ سان پوءِ قرض لهندو ۽ اڳتي نه چاهينداسين ته قرض پيدا نه ٿيندو. جيڪڏهن قرض اسان تي رهندو ۽ ڪالهه چاهيندا رهياسين ته نئون قرض اسان تي چڙهندو رهندو.

ڏک جو ڪارڻ - آشا

ڪو ماڻهو مري ٿو ته اُن جي موت تي ڏک ٿئي ٿو. اُن ڏک جا ٻه ڪارڻ ٿين ٿا. اُن مان سک ورتو ويو آهي. سک ڏنو ڪونه ويو آهي ۽ وري سک وٺڻ جي آشا رهي آهي، انڪري ته اُن جي مرڻ سان ڏک ٿئي ٿو. اسان جيڪڏهن اُن مان سک نه ورتو هجي ها ته اُن جي مرڻ

آهي قرضدار ٿي وڃڻ. انهيءَ قرضدار ٿيڻ سان اسان ٻڌن ۾ نه پوندا سين. ڪو واپاري پنهنجي دڪاندار دڪان بند ڪرڻ چاهي ته نه جهڪي ٻين کان ورتو اڌارين، سو واپس ڪري؛ هن جهان کي ڏنو آهي، اهو ڏئي ته ٺيڪ آهي. نه ڏئي ته دڪان بند ٿي وڃڻو، مگر هو پوري جو پورو وٺڻ چاهيندو ته دڪان بند ڪونه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته پراڻي وٺڻ لاءِ نئون ڪجهه مال ڏيڻو هوندو ته اسان جو اُن ۾ باقي رهندو ٿي رهندو. پورو وٺي ڪڏهن به بند ڪري نه سگهندا سين. اهڙيءَ طرح سنسار مان پورو وٺي، قرض کان آجا ٿي نٿا سگهون.

وٺڻ جو ڪاتو ئي بند ڪري ڇڏيون ته پوءِ ڏيڻ ئي ڏيڻ رهيو. سڀني کي ڏيون. ماتا پتا کي ڏيڻو آهي، ڀاءُ ڀاڄائيءَ کي به ڏيڻو آهي. استري پتر کي به ڏيڻو آهي. ڀينرن ماتائن لاءِ، ڌيءَ ۽ پٽن کي ڏيڻو آهي. سس سهري کي به ڏيڻو آهي، ڏير ڏراڻيءَ جي به سيوا ڪرڻي آهي. وٺڻو آهي ئي ڪونه، ورتو سين ته ڦاٿاسين! جتي وٺڻ جي اڇا ٿي ته ڦاٿاسين. ڳوٺاڻي چوڻي آهي ته "غرض گڏه کي بابو بڻائي، گڏه ئي مال کڻي هلائي." غرض وارو ماڻهو ڪڏهن به مُڪت ٿي نٿو سگهي. گڏه کي پيءُ بڻائڻ پوي، ٻڌايو ته ڪيڏو نه هيٺ لهڻو پيو آهي. پر وٺڻو آهي، انهيءَ ڪري ايترو هيٺ لهڻو پيو ۽ وٺڻو ئي نه هجي ته اسان آزاد آهيون، سوپارا آهيون.

ڏٺو ته اهو هاڻي جيئڻ وارو ڪونهي، هاڻي جي اٿو سگهي. اهو ته هاڻي مرندو. اسان ١٠ سال اُنجي سيوا ڪئي، ورتو ڪجهه ڪين آهي، ونڊيو ڪجهه ڪونهي ته اُن جي مرڻ تي ڏک نه ٿيندو. ڏکيو اُن جو آهي، جو اُن مان سک چاهيون ٿا. سنسار ۾ اسان رهون، سنسار کان اسان سک نه چاهيون؟ سک ڏيندا رهون، سيوا ڪندا رهون. سيوا وٺڻ جي چاهنا اندر مان صفا ڪڍي ڇڏيون ته سنسار ۾ اسان کي رهڻ اچي ويو. اسان مکت ٿي وينداسين.

وٺڻ جي اڇا بندن

وٺڻ جي اڇا ئي بندن آهي. اُلٽي ڏيڻ ئي وٺي آهي ته اسان سکي ٿي وينداسين، ڪو اسانجي سيوا ڪندو ته اسان سکي ٿي وينداسين. اها اُلٽي ڏيڻ ٿي وٺي آهي. وٺنداسين ته اسان قرضدار ٿي وينداسين. سکي ڪيئن ٿي وينداسين؟ قرض چڙهي ويندو. قرضدار ماڻهوءَ جي مکتي ڪانه ٿيندي، ڪانه ٿيندي آهي. پاپيءَ جي مکتي ٿي وڃي ٿي پر قرضدار جي مکتي ڪانه ٿي ٿئي. قرضدار جو ته جڏهن قرض معاف ٿئي، تڏهن مکت ٿئي. سنسار جا جيستائين قرضدار رهون ٿا، تيستائين مکتي نٿي ٿئي. انهيءَ ڪري اُن کان آجا ٿيون. سيوا ورتي آهي ته اُن جو بدلو چڪايون. اهي جيڪي سيوا چاهين ٿا، اهي سيوا ڪن. نه چون ٿا ته

هي اُن کان چاهي ته فائدا پٽي. سنسار کان چاهڻ نڪاڻيءَ ۽ وڌو آهي. انهيءَ ڪري چاهڻا جو ليکو، ڪري شيوا ڪرڻي آهي. اِها سنسار ۾ رهڻ جي اصلي وديا آهي. اهائي آهي وهنوار ۽ تجارت جي ڳالهه.

مسافر وانگر رهو

توهان ڀائرن ڀينرن کي پرارٿنا آهي ته پنهنجن گهرن ۾ رهو، پر ائين، جيئن ڪو سڄڻ مسافر رات اچي رهندو آهي. جيڪي تو ته توهان سڀئي پرچن ڪريو، پرنتو ته اهو مان ڪانه ٿيندس. پنهنجيءَ پنهنجيءَ جڳهه ۾ رهو. فالتو جاهه ۾ مان رهندس. ڪيترا ڏينهن جيڪي توهان جي ڪم جا هجن، اهي توهان پنهنجي ڪم ۾ آڻيو. فالتوءَ منجهان مان گذر ڪندس. رات ۾ باهه لڳي وڃي، چور اچي وڃي، ڌاڙو اچي وڃي، آفت اچي وڃي، بيماري اچي وڃي ته سڀ کان اڳي وڃي مقابلو ڪريان. اُن جو ورتو آهي، آرام ڪيو آهي. انهيءَ ڪري اُنهن جي شيوا ڪرڻ اسان جو ڪم آهي. ڪم ڪري سڀني کان زياده، وٺي ڪجهه به نه، ته اهو مسافر پڪ جو نه. وٺڻ جي اڇا رکي ته ڦاسي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري پرائي، شيوا ڪرڻي آهي. ٿورو اُن جو ورتو آهي، اهو به شرير جي گذاري لاءِ، ڇاڪاڻ ته شرير نرواهه نه ٿيڻ سان شيوا ڪيئن ٿيندي؟ انهيءَ ڪري شيوا ڪرڻ لاءِ اُن جو ورتو آهي، فقط شيوا ڪرڻ لاءِ، پنهنجي پرڀ

سنسار ۾ رهڻ جي اصلي وديا

توهان کي هڪ عجيب ڳالهه ٻڌايون. ڏيان ڏيو.
ڀڳوان جا اسان ڀڳت ٿي سگهون ٿا. ڀڳت ٿيون
ٿا پر غلام نٿا ٿيون. ڀڳوان کان ٻيو وڏو ناهي.
وڏو نٿو رهي ته ڀڳوان چوي ٿو ته "مان ڀڳت جو
داس، ڀڳت منهنجو مڪٽ مڻي." ڪڏهن؟ جڏهن
ونڊ نٿا چاهيون. چئني قسمن جا ڀڳت اُدار آهن پر
گياني ٿيڻي نشڪامي ڀڳت ڀڳوان جي ئي آتما آهن.
اُهو تمام پيارو نشڪامي ڀڳت آهي. نشڪامي گياني
ڀڳت کي ڀڳوان تمام پيارو آهي. ڪارڻ اِهو آهي، جو
اُهو ڪائنس ڪجهه نٿو چاهي. آرت (دکي)، ارٿارٿي
(پئسو چاهيندڙ)، جگياسو ته ڪجهه نه ڪجهه چاهين ٿا،
آهي چاهين ٿا ته ڀڳوان وٽ گهڻو تورو ئي آهي. هُو
ڌن به ڏئي سگهي ٿو، دک به دور ڪري سگهي ٿو،
تتو گيان به ڏئي سگهي ٿو. ڏيڻ جي ته پوري شڪتي
اٿس پر اُهي چاهيندڙ ڀڳتن جو درجو گهٽ ٿي ويو.
ڀڳوان چوي ٿو ته مان ته ڏيندو رهان پر توهان چاهيو
نه. آپراپت جي پراپتي ۽ پراپت جي رکشا مان خود
ڪندس پر تون چاهنا نه ڪر. ڪٿري ته سٺي ڳالهه
چيائين. نه چاهڻ سان پريم ٿيندو. ڪنهن کان چاهيو ته
پريم نه ٿيندو. پاڻ چاهڻ سان ٻنڌن ٿيندو. اِٿي پاڻ
۾ چاهين ٿا. اُٿي نگيا، اُٿي پوڳي. هو هن کان چاهي،

شرير کان جدائيءَ جو انڀوُ

ڀڳوان ماڻهن کي ڪلاڪ جي سامگري گهٽي ڏني آهي ۽ عمر به زياده ڏني آهي. مثلن ۾ - پوري وقت ۾ ڪلاڪ ٿي وڃي، اُن لاءِ ورهين جي وڏي عمر ڏني اٿس. وچار شڪتي به گهٽي ڏني اٿس. سموري سامگري اهڙي ڏني اٿس، جو انسان ڪيترا ڀيرا پنهنجو ڪلاڪ ڪري وٺي. جيتوڻيڪ هڪوار ڪلاڪ ٿيڻ بعد ٻير ٻيهر ڪلاڪ ڪرڻ جي ضرورت ٿي ڪانه ٿي رهي. ڀڳوان تمام حيرت انگيز سامگري ماڻهوءَ کي ڏني آهي. جنهن ۾ اها سڌي ڳالهه آهي ته ٻڌڻ کان اڄ تائين توهان کي اهو ٻڌو گيان آهي ته ديش، ڪال، وستو، شخص، واقعو، حالت سڀ ڦٽي بدلي آهي ۽ مان اهو ئي آهيان. مان ته اهو ئي آهيان، پر شرير اهڙو نه آهي، ساڳي اهڙا ناهن. جيڪي بدليا آهن، اُنهن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ جيڪو نه بدليو آهي، اُن کي پڪڙيون ته هاڻي جو هاڻي ٻيڙو پار آهي، اصل هن گهڙيءَ. جيڪو بدلجي ٿو، اهو منهنجو سروپ ناهي ۽ جيڪو نٿو بدلجي، اهو منهنجو سروپ آهي، بس ايترو ئي ڪم آهي.

اُنيڪ حالتن ۾ توهان هڪ آهيو اُنيڪ واقعن جي

آرام لاءِ نہ. انسان جو هڪ ٻهرسن سنت چوندو هو ته
سنسار ۾ رهڻ ٻال وانگر رهڻ گهرجي، جو ٻيا ڏ ٻيندو
رهندو آهي، ڪٿي بہ چنبڙي نٿو. مٽيءَ جو آلو ٻوٽو
نہ ٿيڻ گهرجي. جيڪو جهٽي وجهي، اُتي ئي چنبڙي
پوي. اِها سنسار ۾ رهڻ جي اَصلي وديا آهي. اِنهيءَ
مان ٻنڌن ٿي نٿو سگهي. مڪتي اَزخود ٿئي ٿي.

شرير، اندريون، اهي سڀئي بدلجڻ وارا آهن، اِنهن کي جيڪڏهن اثر ٿئجي ويو ته ڇا ٿي پيو؟ اهي بدلجي ويا ته ڇا ٿيو؟ توهان اُنجي اثر کان پاڻ کي دکي ڇو ٿا، اهائي غلطي ٿئي ٿي. ايتريءَ ڳالهه کي پڪڙي رهو ته مان اُهو ئي آهيان. سک جي سمي ۾ جيڪي هوس، اُهو ئي دک جي وقت ۾ به آهيان، پنهنجو پاڻ ۾ استٿ رهڻ کي سوَسٿ ٿيڻ آهي يعني سو (پاڻ) ۾ استٿ ٿيڻ آهي. سکي دکي ٿيڻ پرڪرتيءَ ۾ استٿ ٿيڻ آهي. پرڪرتي ۾ استٿ ٿيڻ سان سک دک جي ڀوڳِ ۾ ڪارڻ ٿيڻو پوي ٿو. ڇو؟ اِنهيءَ لاءِ ته توهان پاڻ کي اثر ٿيڻ مڃي رهو ٿا. توهان ڄاڻي به پرڪرتيءَ ۾ استٿ ٿيو ٿا، توهان اُن ۾ استٿ ڪين آهيو. توهان نه سک ۾ آهيو، نه دک ۾ (نه انهيءَ ۾ آهيو ۽ نه نقصان ۾. نه ڪنهنجي جنم ۾ آهيو، نه ڪنهنجي مرڻ ۾. توهان ڄاڻي ٻجهي پاڻ کي اُن ۾ ڪنهنجي وٺو ٿا ۽ سکي دکي ٿي ڇئو ٿا ته "صاحب! پوڙ ته ٿيو." پوڙ ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهان اهي ٿي آهيو، بس اِنهيءَ ڳالهه ۾ استٿ رهو. सम दुःख सुखः स्वस्थः سو (پاڻ) ۾ استٿ ٿي ويا، بس! سو سدائين نِروڪار آهي. سو ۾ ڪڏهن به وڪار ڪونه ٿيندو آهي. وڪار انتهڪرڻ ۾ ٿيندو آهي، اُن سان ملي توهان پاڻ کي وڪاري مڃي ويهو ٿا ۽ سکي دکي ٿيو ٿا.

وچ ۾ توهان هڪ آهيو. انيڪ ديشن ۾ گهمي ڦري به
توهان هڪ رهو ٿا. گهڻو وقت گذري ٿو ته توهان
اهي ئي آهيو. انهيءَ بدلجڻ واري کان پنهنجي پاڻ کي
الڳ ڪري ڏسو ته هاڻي ئي موج ٿي وڃي. پاڻ کي
الڳ ڪري ڏسڻ سان تتو گيان ٿي وڃو ۽ بدلجڻ واري
کي ساڻ ملائي ڏسڻ اگيان ٿي وڃو.

ساڌن ڪندڙ ڀائرن ۽ ڀينرن جي من ۾ هڪ ڳالهه
اچي ٿي ته منهنجو من نروڪار ٿي وڃي. ڏک سک
جي گهٽنا جو منهنجي من تي اثر نه پوي. مرضيءَ پٺاندڙ
خواهه مرضيءَ پٺاندڙ نه هئڻ جو اثر نه پوي. جڏهن
من جي اهڙي اوستا ٿي وڃي ته تتو گيان ٿي وڃو ۽
جڏهن من تي اثر پوي ٿو ته تتو گيان نه ٿيو. انهيءَ
لاءِ توهان انهي ڳالهه کي ٺيڪ طرح سان سمجهو ته اثر
ڪنهن تي پوي ٿو؟ اثر من تي پوي ٿو، بدّيءَ تي
پوي ٿو، شرير تي پوي ٿو. جنم روڳ آيا، نفعو ٿيو
ته توهان جي من ۾ پرسنتا ٿي. روڳ هليا ويا، نقصان
ٿيو ته توهانجو من دکي ٿيو. من ۾ نفعي نقصان ٿيڻ
سان ان قسم جو اثر ٿيو پر توهان ته اهي ئي رهيا.
نفعو ٿيو ته توهان ٻيا هئا ڇا؟ جڏهن توهان هڪ ئي
رهو ته نفعي نقصان ٻنهي جو گيان ڪنهن کي ٿئي ها؟
توهان ته سم ئي رهو ٿا، هڪ ئي رهو ٿا. توهان تي
اثر پوي ئي نٿو. اثر پوي ٿو من ۽ بدّيءَ تي.

توهان ڏسو ٿا، وڇوڙي کي ۽ توهان ڏسو ٿا. ڏسندؤ توهان ۾ ڪهڙو فرق پيو؟ ڏسندؤ ته توهان اهي ئي رهيا.

سمجهو ته اسان گنگاجيءَ جي ڪناري تي ويٺا آهيون. ڪيترائي ڪاٺ جا چورس ٽڪرا وهندا اچي وڃن، اهي ڏسي اسان ٽهڪ ڏيون ۽ من ۾ سوچيون ته ڏاڍو آنند ٿي ويو، ايترا ٽڪرا وهندا اچي ويا، اڄ ته ڏاڍو آنند ٿي ويو.

پوءِ ڏينهن اٿي ٿي ويٺا رهيا ۽ ڪاٺ جو ٽڪرو هڪ به ڪونه اچي، هوڏانهن وهي وڃي. هاڻي اسان زور زور سان رڙ لڳايون. ڪو پڇي ته "ڀائي، ڇو ٿا رئو؟" ته اسان چئون ته "اڄ هڪ به ٽڪرو اسان وٽان وهي ڪونه ويو. سڀئي هوڏانهن وهي هليا ويا." هاڻي ذرا ويچار ڪريو ته ان ۾ ڪهڙو فرق پيو؟ ٽڪرو هيڏانهن وهي وڃي ته ڇا؟ هوڏانهن وڃي ته ڇا؟ توهان ته انکي ڇهو ڪونه ٿا. توهان وٽ اهي رهن ڪونه ٿا. اهي ته وهن ٿا ۽ توهان ويٺا آهيو. ويجهو اچي وهي ويا ته توهان خوش ٿي ويا. پري کان وهي ويا ته رڙ لڳي ويا. اها بيوقوفي ٿي نه ٿي!

اهڙيءَ طرح پٽ جو جنم ٿيو ته توهان پرسن ٿي ويا، پٽ مري ويو ته رڙ لڳي ويا. ڪنهن پڇي ڪي ۽ پٽ ڄائو ۽ مري ويو پر توهان ته نه انجي جنم وٽ ٿي

ڪڏهن ڪڏهن مون کي تمام ڀاري عجب لڳندو آهي ته ڳالهه ڪٿي اٽڪيل آهي؟ پاپ ڪرم ڪرڻ جي ڳالهه مان ڇُٽندو ئي ڪونه آهيان. جڏهن ڪي ماڻهو ستسنگ ڪن ٿا، اهي پاپ ڪن ٿا، اهڙو خيال منهنجي من ۾ اڀرندو ئي ڪونهي. توهان ستسنگ ۾ آيا آهيو ستسنگ ٻڌڻ لاءِ، ڀڄن ڳائڻ ڪرڻ لاءِ، پوءِ به توهان پاپ ٿي ڪريو ته هتي ڇو آيا آهيو؟ پاپ ڀلجي به نه ڪرڻ گهرجي. جڏهن ڪي اُناءُ سمجهو ٿا، اهو سپني ۾ به نه ڪريو. منهنجي طرفان پاپ جو ويچار ئي ڇڏي ڏيو. توهانجي من ۾ گندو ڦُرڻو اچي ته سٺو ڦرڻو اچي ويو، ڀـرو اچي ويـو، شوڪ اچي ويـو، چنتا اچي وئي، خوشي اچي وئي، ڪٿي راڳ (موه) ٿي ويو، ڪٿي دٻيش ٿي ويو - اهي ٿي ته ٿيندا آهن؟ اهي ٿيڻ ئي ۽ توهان ٻاڻ ۾ استٿت رهو، اُنهن سان ملو ته، اُنهن سان ملو ٿا، اهو ٻرڪرتيءَ ۾ استٿت ٿيڻ آهي. ٻرڪرتيءَ سان ملڻي رهڻ سان پاپ ٻـ لڳندو. جنم مرڻ ۽ ٿيندو، دک ۽ ٿيندو، سک ۽ ٿيندو.

ڇڙو ن ٿهن ٿيون، ڀڳڙن ٿيون، ٻدارٿ اچن ٿا، وڃن ٿا. اُنهن کي ڏسي ۽ توهان ٻاڻ ۾ استٿت رهو. ڇاڪاڻ ته توهان اُنهن کي ڏسندڙ آهيو. ڏسندڙ ڏسڻ ۾ ايندڙ ڇڙن کان الڳ ٿيندو آهي. اهو نم آهي. سڌائي حالت کي ۽ توهان ڏسو ٿا. مطلب کي ۽

آهيان پر ٻالپڻ هلي ويو، جواني هلي وئي، ٻڍاپو اچي ويو، توهان نه اُلي ٿي رهيا. توهان الڳ آهيو، تڏهن ته توهان اهي ٿي رهيا؟ توهان انهي کي ڄاڻو ٿا. ڄاڻندڙ ڄاڻڻ ۾ ايندڙ اوستائن کان الڳ ٿئي ٿو ته توهان الڳ ٿيا يا ملهل؟ ملهل نه توهان آهيو ٿي ڪونه، ڄاڻڻ ته ڄاڻو ٿا ته ملهل ڪونه آهيو. تڏهن ته پاڻ کي ملهل ڇو مڃو ٿا. بس، اڄ کان ئي ان کي ملهل نه مڃو.

سوال:- ڪيئن نه مڃون؟ اسان کي ته ملهل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

جواب:- توهان ڏسڻ ۾ ايندڙ کي آڌر نه ڏيو، پنهنجي انڀوَ کي آڌر ڏيو. ڪنهن جي وچن جو آڌر ڪرڻ ته اسان الڳ آهيون. چاهي ڀل ملهل ڏسڻ ۾ اچي، ساڪشات ملهل ڏسڻ ۾ اچي پر مان انهن کان الڳ آهيان - ائين مڃو. پرتيڪش انڀوَ آهي ته ٻالپڻ کان اڄ تائين شرير بدليو آهي پر مان اهوئي آهيان. انهي انڀوَ جي آڌار تي اهو مڃو ته شرير الڳ آهي، مان الڳ آهيان. جيڪڏهن ٻوڌ ۾ ٺيڪ انڀوَ نه ٿئي ته وياڪل ٿي، ڀڳوان کي چئو - مهاراج! مون کي ائين انڀوَ نه ٿي رهيو آهي. ايتري ڳالهه پڪي ڄاڻو ته "آهيان" ته الڳ ٿي. جيڪڏهن الڳ، نه هجان ها ته مرڻ تي شرير هٿي نه رهي ها، ڳڏ وڃي ها يا شرير سان ڳڏ وڃي ها يا شرير سان ڳڏ مان هتي رهان ها. نه توهان

خوش ٿيا، نڪي مرڻ تي رنا. هن وقت ڏن ٿيو؟ هليو ويو پر توهان نه رنا. توهانجو ٿي هليو ويو ته رنو ٿا. ڇو ٿا رنو ڀائي! توهان وقت اڳ ڪونه هئو، وچ ۾ ٿيو، پوءِ هليو ويو. توهان نه جهڙا اڳ هئا، تهڙا ٿيا نه پوءِ رنڻ ڇا لاءِ؟

توهان کي ڪجهه به ڦيرڦار (ڦهاءُ) ڪري نٿو. توهان پنهنجو پاڻ ۾ استت رهو. رنو ڇا لاءِ؟ توهان وهندڙ واقعن، حالتن، پدارٿن، شخصن سان چنبڙندا نه رهندا مفت ۾. سنسار جو دک، توهان مفت ۾ پڪڙي رکيو آهي. اڏامندڙ پکي پاڻ لي جهلي رهيا آهيو. ڀڳوان دک پيدا ڪيو ئي ڪونهي. دک آهي ئي ڪونه. توهان خود دک پيدا ڪريو ٿا. وهندڙ چيزن سان سنبند جوڙي، دک خريد ڪريو ٿا. خبر ناهي ته توهان کي ڪهڙو شوق لڳو آهي. توهان بدلجڻ واري سان ملڻو ئي نه. پاڻ کي بدلجندڙ سان ايڪتا ڏسڻ ۾ ايندي هجي پر اُهيءَ سان توهان ملو نه. مان اُن کان الڳ آهيان. ائين ڏسو. جدائي جو گيان صاف ٿيو ته وڪار مٽجي ويندا. مليا رهندا ته وڪار ٿيندا.

سوال:- سوامي جي! اسان مليل نه آهيون، اُن کان الڳ ڪيئن ٿيون؟

جواب:- توهان مليل آهيو ئي ڪونه. جڏهن توهان مليل هجو ها ته توهان ٻالڪ، جواني، ٻڍاپي سان گڏ بدلجو ها. توهان نه ڇنو ٿا نه ”مان اهو ئي

(۳)

سيڻي جو پلو

مُڪتي ڇا آهي؟

هر ڪو جيءُ سک چاهي ٿو؟ سک به ڪهڙو؟ جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمي نه رهي، جنهن جو ناس نه ٿئي جيءُ نه ناس ٿيندو، ۽ اَننت سک چاهي ٿو. اُنهيءَ جو نالو "مُڪتي" آهي. دکن جو بلڪل اُپاءُ ٿي وڃي ۽ آنند پراپتي ٿي وڃڻ ٿي مُڪتي آهي. ڀڳوت گيتا جي ڇهين اَڌياءَ جو ٻاويهون شلوڪ ڏاڍي ڪم جو آهي. ڀڳوانجي خود جي ڪسوٽيءَ لاءِ هن شلوڪ کي پهريون استان ڏنو وڃي ته ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو.

यं लध्वा चापरं लाभं मन्यते वाधिकम् ततः ।
यस्मिन् स्थितो न दुःखेन, गुरुणापि विचाल्यते ।।

ارٿ:- جنهن کي پراپت ڪري، اُن کان وڌيڪ سريشٽ لاڀ نٿو مڃي، جنهن ۾ استٿت ٿي مهان دکن کان به چلائمان نٿو ٿئي.

جنهن لاڀ جي پراپتي ٿيڻ بعد ٻيو ڪو لاڀ ٿي سگهي ٿو، اهڙو اُن (لاڀ پراپت ٿيڻ واري) جي مڃڻ ۾ به نه اچي سگهي. اهڙو لاڀ ۽ جنهنجي قائم رهڻ ٿي اهو تمام وڏي دک کان به چلائمان نه ڪري سگهي. ڪنهن ڪارڻ کان شرير جا ٽڪرا ڪيا وڃن،

ٻار سان گڏ رهو ٿا ۽ نه توهان سان گڏ ٻار وڃي ٿو. نه پوءِ هڪ ڪيئن آهي؟ ٻه ٿيا يا نه؟ جيئن مان ۽ مڪان هڪ ڪيئن ٿياسين؟ مان مڪان کان الڳ، هليو وڃان تو نه مڪان ۽ مان ٻه ٿياسين نه؟ اهڙيءَ طرح ٻار، اندريون، من، بدي، مڪان آهن. توهان انهن ۾ رهندڙ آهيو، رهو ٿا ۽ نڪري ۽ وڃو ٿا. توهان انهن سان هڪ ڪونه آهيو. انڪري توهان جي مڪمل آهي. اهو توهان سڀني جو انڀو آهي.

جيئن توهان تندرست ٿيڻ لاءِ ڪوڙيءَ کان ڪوڙي دوا پيئندا، ڪاڙهو وغيره اکيون بند ڪري پي وڃو ٿا، اهڙيءَ طرح حقيقي سوسٿ ٿيڻ لاءِ "مان الڳ آهيان" - اها دوا پيئو، پوءِ ته الڳ نه ڏسڻ ۾ اچي نه وياڪل ٿيو. زوردار وياڪلتا ٿيندي ته جهٽ جدائيءَ جو انڀو ٿي ويندو. پوئين ۾ مزو وٺو ٿا، سک پوئيندا رهيا ته ڪيترو نه ڪٺي ٻڙهي پيئو، بند ٻڌي وڃو، چارپائي وڇائي ٻه-ڙهو ٻر ڪڍهن ٻه شرير کان جدائيءَ جو انڀو نه ٿيندو. وياڪل ٿيو ته اهڙو انڀو جلد ۾ جلد ڪيئن ٿئي؟ ته توهان کي رلمل ململ ڏسڻ ۾ اچڻ بند ٿي ويندو، ڇاڪاڻ ته رلمل ململ جي مڪتا ڀل آهي. اها ڀل هاڻي نه ڪنداسين - اهڙو پڪو وچار ڪرڻ سان - پوءِ انهيءَ ڀل جي مڪتيءَ ۾ دير نه لڳندي.

پنهنجائي ناهي، اُنهن جي ٺهڻ بگڙڻ جو اَثر پنهنجي مٿان نٿو پوي. سنسار ۾ اَربين ماڻهو آهن، مگر اُنهن جي جنمڻ مرڻ جو اسان تي ڪو اَثر ڪونه ٿو پوي. اسان ٻڌون ٿا ته ڪنهن هنڌ هيترا ماڻهو مري ويا، اُئين ٿي ويو. بس رام رام رام - اُئين چئون ٿا. دل تي اثر ئي چوٽ ڪانه ٿي پهچي. ڪوئي غير واقف شاهوڪار ٿي وڃي ته اُن مان به خوشي ڪانه ٿي ٿئي. اُنهنجي سک دک، نفعي نقصان ۾ اسان کي سمتا آهي. اُئين سنسار جي گهڻي ڌن ڪان، مڪان ڪان، ڪٽنبين کان اسان مڪت آهيون ئي. ٿورن ڌنن، ٿوري زمين ۽ ٿورن انسانن ۾ ئي اسان ٻڌل آهيون. گهڻي مڪتي ته ٿي چڪي. بس ٿوري باقي آهي.

ٻنڌن ڇا ۾؟

هاڻي همت ڪري اُنهن ۾ به اُئين ڪريون، جو سمتا ٿي وڃي. ڪرڻ ۾ ڪائي مشڪلات به ڪانهي، ڇاڪاڻ ته ڌن، مڪان، ڪٽنب اَڳ پنهنجا هئا ڪونه ۽ پوءِ به پنهنجا رهندا ڪونه. اُنهن لاءِ اِها ڀاونا رهندي آهي ته اَهي ٻڌيا رهن. اِهوئي ٻنڌن آهي. اِها ڀاونا اَڄ تائين ڪنهن جي سِڌ ڪانه ٿي آهي. ڪڏهن هميشه واسطي ڪنهن سان پدارٿ ۽ شخص رهيا ڪونهن. اسان به ڄاڻون ٿا ته اِهي ڪونه رهندا. پوءِ به ڀاونا رهندي آهي ته اِهي اسان سان ٻڌيا رهن. اِهوئي ٻنڌن

ٻن ڀاڱن جي وچ ۾ اچي وڃي، اهڙيءَ حالت ۾ به اُن جي شانتي يا جو آنند آهي، اُن ۾ ڪڏهن به ڪمي نه نه اچي.

نماري رهڻ جو لاڀ

دک جو اسپرش (ڇهاءُ) ٿي نٿو سگهي. اهڙو تمام ڀاري لاڀ ٿي وڃي ٿو. اها جا "مڪتي" سڏجي ٿي، دکن کان، ڪرمن کان، جنم مرڻ کان مڪت ٿي وڃڻ، ڇٽي وڃڻ - اها تمام سڌي ۽ سرل ڳالهه آهي. شاسترن ۾ ٻٽي ڳالهيون اچن ٿيون. ڏکيائيءَ جي ڳالهه به اچي ٿي ۽ آسانيءَ جي ڳالهه به اچي ٿي 'सुसुख कर्तुम्' - ڏاڍيءَ آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. اڀياسي آهي، پراپت ٿيڻ بعد ناس ٿئي ٿي ڪونه ٿو، اهڙي آسان ڳالهه آهي، جيڪو سنسار اڄ پنهنجو ڏسجي ٿو، شرير، ڪٽنب، ڌن سمپتي، مڪان زمين وغيره پنهنجو ڏسجي ٿو ته هي منهنجو آهي، اهو سڀ اڳيان پاڻ سان هٿو ڪونه ۽ لوڀ نه رهندو ڪونه، اُن ڪي پنهنجو مڃڻ، اهو ٿي ٻڌڻ آهي. گيتا ۾ ٻڌڻ کان ڇٽل ڪڻ آتمت پرش جي لکشڻ ۾ اچي ٿو:-

گڻ اتيت جي سک دک ۾ به سمتا رهي ٿي. اُلجي اتهڪرڻ ۾ نفعي نقصان ۾ به سمتا رهي ٿي. نندا اُستتيءَ ۾ به سمتا رهي ٿي. اهو اُزخود پنهنجي سروپ ۾ استٿت آهي. جن رتنن ۾ پنهنجائي ڪانهي، جن زمين مڪانن ۾ پنهنجائي ڪانهي، جن ڪٽنبن ۾

جيڪي گذريو آهي، اُهو ته هڪ ڏينهن ڪري
گذريو آهي. اسان رهي رهيا آهيون، اسان زنده
آهيون، جي رهيا آهيون. انهيءَ طرف ورني آهي.
اسان ته هر سمي جي رهيا آهيون. مري رهيا آهيون.
اها ڳالهه سچي آهي، مگر انهن مان ٻيو لڳندو آهي.
ٻه ٻيو لڳي ته ڇا ڪريون؟ ڳالهه ته سچي ۽ ٺيڪ
آهي. ٧٠ سال جيئڻ وارو انسان آهي ۽ اُهو ٤٠ سالن
جو ٿي ويو ته ڇا اڃا ٧٠ سال جيئندو؟ هاڻي ته ٣٠
سال ئي رهيا اُنهي جيئڻ جا. اُنهن سالن ۾ هر روز
عمر ختم ٿي رهي آهي.

اُهو ته هر روز آهي، مري رهيو آهي. هڪ ڏينهن
اهڙو ٿيندو، جو ماڻهو چوندا ته اڄ مري ويو ته اُهو
مري ڪونه ويو. جنهن ڏينهن ڄائو، اُنهيءَ ڏينهن کان
مرڻ شروع ٿي ويو. مرندي مرندي اڄ پورو ٿي ويو.
جيئڻ هو هليو ويو، اهڙيءَ طرح سڀيئي وڃڻ وارا آهن.
توهان پنهنجي طرفان اُنهن جو سنگ ڇڏي ڏيو. اُهي
اسان سان سدائين گڏ رهندا ڪونه. ساٿ ڇڏڻ جو
مطلب هي آهي ته اُهي اسان سان سدائين رهندا، اها
ڀاونا هٽائڻي آهي. اسان اهو خيال ڇڏي ڏيون ته
سدائين ساٿ رهندا ته ڪهڙو هرج آهي. زياده چاهڻ
سان وڌيڪ ڏينهن رهندا ۽ نه چاهڻ سان ٿورا ڏينهن
رهندا، هليا ويندا، اهڙي ڳالهه ڪانهي. جيترا ڏينهن
رهڻو آهي، جيتري عمر آهي، اوترا ڏينهن ته رهندا

آهي.

ڪيتري نه سولي ڳالهه آهي! ٻهراڙئين هٽا ڪونه، پوءِ وهندا ڪونه. اُنهن جي رهڻ ۽ نه رهڻ ۾ پنهنجو آگره ڇڏي ڏيون ته پنهنجو ڇا بگڙي ويندو؟ دنيا جي ٻين ماڻهن ۽ وستين کان اسان مکت آهيون، ڇڏيل آهيون، اُنهن جو بندڻ ڪونهي. جڏهن تيورڙيان شين کي ۽ گهڻين سان ملائي ڇڏيون، يا اُنهن مان مره ڪڍي ڇڏيون ته هُوَند اسان مکت ٿي وڃون. هُونئن ته اسان مکت ٿي ئي چڪا آهيون. جڏهن اسان پيدا ٿيا هئاسون، اُن وقت اسانجي جيڪا عمر هئي، هاڻي اوترو ڪانهي. جيون ۾ گذريل ڏينهن گهٽ ٿي ويا، مَوت ويجهو اچي ويو آهي، ڇڏڻ جو ڏينهن ويجهو اچي رهيو آهي. روز ڇڏيندا رهيا آهيون، اهو ڏينهن اچي، اُن کان اڳ ئي اسان پاڻ مان اُنهن کي ڇڏي ڏيون ته هُوَند نهال ٿي وڃون.

وڇوڙو اڻٽر

پنهنجا ڇڏيل پراڻي ۽ پيارن جو وڇوڙو (وڇوڙو) ٿيڻ وارو آهي، اڻٽر آهي. اهو نه ٿيو آهي نه وڇوڙو ٿيندو ۽ ٿيندو، نه، ٿي رهيو آهي. جنهن گهر ۾ توهان رهي رهيا آهيو، پيا ٦٠ ورهيه رهڻو آهي، ٽيهه سال گذري چڪا آهن، هاڻي ٦٠ سال ته رهندا ڪونه. (اڄ اڌ ته گذري چڪا باقي اڌ ته مري چڪا) هاڻي ٣٠ سال ته پورا ٿي ويا. ٻيا ٣٠ سال باقي رهندا.

ئي لهي ويندو. اها ٻاونا اڳي، رهڻ سڀ سج لهڻ
تي اونده لهڻ تي دک، نٿو ٿئي.

اونده ٿيڻ تي اسان چئون ٿا ته، ٻاڪس آڻيو ٻاري، ميڻ بتي آڻيو، سوچيو ڪريو، بجلي ٻاريو. جيڪي ٻه ڪريو پر روئو نه ڪونه ٿا. چوڻ ٿا روئو؟ اهو ته ٿيڻ وارو ئي هو. انهيءَ ڪري سنتن چيو آهي-

اڳا سو هي آتوي م اور ڦولا سو ڪمهلاءِ،
چڻيا ديول پڻ ٻڙي اور جايا سو مر جاءِ.

اُڀري سو اٿ پر ۽ جيڪو نڪرو، اهو ڪومائجي. دنيا ۾ وڏا وڏا وڻ آهن، سي ڍهي پيا. جيڪو جنمو آهي، سو مري ٿو ته مرڻ ۾ ڪهڙي نئين ڳالهه ٿي پئي. پر آشا ڪرڻ دک جو ڪارڻ آهي. ٻيڊي ماٺي رئي ٿي ۽ چوي ٿي ته اسان انهن کي نه سمجهيو هو نه ڳرڻ واري مٽي يعني ناس ٿيڻ واري مٽي رهندي. اسان جي سامهون هي ٻالڪ هليو ويندو. اسان انهن نه سمجهيو هو ته جوان پٽ هليو ويندو. سمجهيو نه هو ته غلطي ته سمجهڻ جي ٿي ٿي. وڃڻ جي غلطي ته ٿي ڪانه. اهو ته پنهنجي وقت تي هليو ويو.

اڳي انهن نه سمجهيو هو ته هاڻي سمجهيو. موهن خود پنهنجن ڪنن سان ماڻهن کي چوندي ٻڌو آهي- ”مهاراج! ڳرندڙ مٽيءَ جو رهيو.“ ته ڪيءَ مٽيءَ جا وري ڪهڙ آهن؟ سڀئي ته ڳرندڙ مٽيءَ جا آهن. ڪيستائين رهندا؟ رهڻ جو ڪو ڀروسو ئي ڪونهي. وڃڻ جي

ٿي. اڃا هجي ته گهڻا ڏينهن رهندا ۽ اهڙيءَ حالت ۾ هليا ويندا ته من کي ڏاڍو دک ٿيندو. اڳي ٿي اسان ڇڏي ڏيون ته هي سرير هلندو وڃي ته پرواهه نه آهي. رهي ته به موج آهي، نه رهي ته به موج آهي ۽ هليو وڃي ته به موج آهي، ڇاڪاڻ ته اسان اهو اڳي ئي ڇاڏيندا سين. ته اهو گيان پختائيءَ سان مڃون ته اهو اَڻ ٽر آهي، ٿيڻ وارو ئي آهي. انهن سوچڻ سان وڏي شانتي ٿئي ٿي، اهو اسانجو انڀوُ آهي. اسانجو توهانجو سڀني جو اهو انڀوُ آهي. سڀ اُپري ٿو ته سڀني پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ لڳي وڃن ٿا. پرڪاش ٿيڻ لڳي ٿو، سڀ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

جڏهن سڀ لهي وڃي ٿو ته رات ٿي وڃي ٿي. سڀ ڪم ڏنڌا بند ٿي وڃن ٿا. ڏسڻ بند ٿي وڃي ٿو. اَنڌڪار ٿي وڃي ٿو جڏهن ڪو خاص ماڻهو مري ويندو آهي ته چوندا آهن ته اسان وٽ اونده ٿي وئي. اڙي، سڄيءَ دنيا ۾ اونده ٿي وئي ته روُ ڪونه ٿا. سڀ لهڻ سان سڀني گهرن ۾ اونده ٿي وئي، اهو ته ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر سڀ لهڻ ٿي سڄيءَ دنيا ۾ اونده ٿي وئي، اهو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پوءِ به روُ نٿا! ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ اهو ئي ته سڀ اُپري ٿو ته پاونا رهي ٿي ته وقت تي سڀ لهندو. جلد ئي ڪم ڪري وٺو سڀ هوندي. گهر جو ڪم هجي، کيت جو ڪم هجي، هرڪو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. اهو ته اوس

ڇو ڪنهن سان ٻيو ورتاءُ ڪريو؟ ٿورا ڏينهن رهڻو آهي، اُتم ورتاءُ ڪريو- سرشٽ ورتاءُ ڪريو

هاڻي اسان کي هڪ ڪهاڻي ياد اچي وئي. ٻڌل ڪهاڻي آهي-

هڪ هاٿي هو. هاٿي مري ويو ته اُهو ويو ڌرمراج وٽ. ڌرمراج پڇيس ته "اَڙي، توکي هيڏو سارو شرير ڏنم، ٻيا جيترا به شرير ڌاري آهن، اُنهن کان وڏو شرير ڏنم؛ تون انسان جي وَس ڪي وئين؟ تنهنجي هڪ پير جيڏو هو انسان. هاٿيءَ جو هڪ پير آهي ته، اوترو ئي انسان. اُن جي وَس ۾ تون ڪي وئين!" هن چيو- "مهاراج! اهو انسان اهڙو ئي آهي. وڏا وڏا اُن جي وَس ۾ ئي وڃن ٿا."

ڌرمراج چيو ته "اسان وٽ بيشمار ماڻهو اچن ٿا." هاٿيءَ چيو ته "مردا اچن ٿا. ڪو جيئرو اچيَ ته پتو پوَي."

ڌرمراج دوتن کي چيو ته "اڙي، هڪ جيئرو ماڻهو وٺي اچو." دوتن چيو ته ٺيڪ آهي. دوت ته گهمندا ئي رهندا هئا. گرميءَ جي ڏينهن ۾ ڪڏ ئي هڪ ڪائسٿ سنگهل هو. اُن جي ڪٽ ڪٽڻي ڪيائون. ڪٽ ڪٽي هليا.

اُن جي ننڊ کلي، ڏٺائين ڇا آهي؟ هو گرنٿ لکڻ وارو هو. گرنٿن ۾ دوتن جا لکشڻ اچن ٿا. ڏٺائين ته هي ته ڌرمراج جا دوت ڪٽي وڃي رهيا آهن.

ڳالهه اَڻ ٺر آهي. ويندا ضرور - رهندا ڪونه. انهيءَ
ڪري سڀني سان اُتم، عمديءَ ۾ عمدي ڳالهه ڪريو.

"سڀ سي هل مل چاهي، ندي ناو سنيوڳ."

سڀئي وڃڻ وارا

جيئن نديءَ جي ڀرانءَ ٻيڙو وڌو آهي ته اُن کي پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ ويهون ٿا. ڪيترائي ماڻهو ويٺا. ٻيڙ پار پوڻ بعد سڀئي پنهنجو پنهنجو رستو وٺندا آهن. اهڙيءَ طرح هن گهر ۾ اچي ويٺا سين، پوءِ سڀئي پنهنجو پنهنجو رستو وٺندا. "ندي ناو سنيوڳ" آهي ته "سڀني سان رلي ملي هلو." سڀني سان سٺي ۾ سٺو، عمدي ۾ عمدو ورتاءُ ڪريو. رهڻ جو ڪو ڀروسو ڪونهي. وڃڻ جي ڳالهه پڪي آهي، رهڻ جي ڳالهه ڪچي. پر اسان ڪچيءَ کي پڪي ڄاتو ۽ پڪيءَ کي ڪچي ڄاتو. انهيءَ ڪري رنڊو پيو ٿو. غلطي ته پنهنجي ئي آهي. انهيءَ ڪري ٻاراڻن ئي سمجهي ڇڏيو ته هيءُ نينهن سنيهه ٽٽڻ جو آهي. هي ته رهڻ جو آهي ئي ڪونه. ياد رکو ته هيءُ مرڻو لوڪ آهي، مرڻ وارن جو لوڪ آهي. هي مرڻ ڌرم وارن جو سنسار آهي. انهيءَ ۾ سڀئي جا سڀئي مرڻ وارا ئي رهن ٿا. ڪوبه رهڻ وارو ڪونه ٿو رهي ته پوءِ توهان ڪٿي رهندا؟ ڪيئن رهندا؟ هتي ته مڙئي وڃڻ وارا آهن. انهيءَ ڳالهه کي، انهيءَ ڀاوَ کي پڪائيءَ سان دل ۾ ڌارڻ ڪريو ۽ سڀني سان ورتاءُ سٺي ۾ سٺو ڪريو.

کي ڇا ڪرايون؟" ڇپائين ته "وندڪمت ۾ موڪلهوس."
هيءَ ڪهڙ آهي؟ "ڪرڙي شاهدي ڏئي، غرلب ماڻهن کي قاسائي ڇڏيائين. قهـد ڪرائي ڇڏيائين. ڇا ڪهو وهي؟" جواب ڏنائين ته "ٻچو ڇانا، وندڪمت ۾ موڪلهوس. ٻڳوان جي دربار ۾ موڪلهوس."

وياري اچي، ڪوڙو اچي، هنسا ڪندڙ اچي، بکاري ٻاهي، ته ڪاڻ جوڳو ڪانيندڙ ٻنندڙ اچي، ڪره جيڪو اچي، اُن لاءِ چوي ته "وندڪمت ۾ موڪلهوس- وندڪمت ۾ موڪلهوس."

هاڻي ڌرمراج ڇا ڪري؟ گديءَ تي جيڪي مالڪ چڙي رهيو آهي، سو نيڪ وندڪمت ۾ ٻڙ لڳي ويئي.

ٻڳوان ڇهو ته آڙي، اهـڙا ماڻهو هتي ڪيئن اچي رهيا آهن؟ ڇا مرنيو لوڪ ۾ ڪو مهاتما ظاهر ٿيو آهي؟ ڳالهه ڇا آهي؟ جو سڌي ماڻهن کي وندڪمت ۾ موڪلي رهيو آهي؟ ڪٿان اچي رهيا آهن؟ ڏنائين ته هي ته ڌرم پريءَ مان اچي رهيا آهن، ته ڳالهه ڇا آهي؟ خبر ناهي، ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اچي ته رهيا آهن.

ٻڳوان ڌرمراج وٽ ٻهتو. پڇيائين ته ڳالهه ڇا آهي؟ اهڙا ڌرماتما ڪي ويا آهن؟"

ٻڳوان کي ڏسي سڀ اُٿـي ٻيٺا! ڌرمراج ٻه اُٿـي بيٺو. ڌرمراج کان پڇيائين ته "ڌرمراج! تـوهان سڌي کـي وندڪمت موڪلي ڏنو. ڇـا اهڙا ماڻهو ڌرماتما ؟ پڃ آتما ڪي ويا آهن؟"

هن ڪيسي مان هڪ ڪاغذ ڪڍيو ۽ ڪجهه لکي ورتو ۽ ڪيسي ۾ رکيائين. سوچيائين، هيڏانهن هوڏانهن ٿيندس ته ڪري پوندس. هڏيون ڀڄي پونديون. جيڪي ٿيندو سو ڏٺو ويندو، اهو ويچارو ڪٽ تي ليٽيو رهيو.

صبح ٿيندي ئي دُوت پهتا. ڌرمراج جي سڀا لڳي. دُوتن ڪٽ هيٺ رکي. هن ڪيسي مان يڪدم ڪاغذ ڪڍيو ۽ دُوتن کي ڏنائين ته ڌرمراج کي ڏيو. اُن ۾ وشنو مهاراج جو نالو لکيل هو. اُنهن ڌرمراج کي ڏنو. ڌرمراج خط پڙهيو. اُن ۾ لکيل هو ته ”ڌرمراج سان نارائڻ جي پتا پوکه. هي اسان جو محب اچي ٿو، اُن جي ذرهي لئي سڀ ڪم ڪجو.“ دستخط نارائڻ، وئڪنٽ پري. خط پڙهي ڌرمراج چيو ته ”اچو مهاراج! (گدي ڇڏي ڏنائين) گدي تي ويهو. گدي تي ويهارائيندس، جو ڀڳوان جو حڪم هو. هاڻي ٻيو ماڻهو آيو. هيءُ ڪير آهي؟ چيائون - مهاراج! ڏاڙو هٺندڙ آهي. ڪيترن ئي ماڻهن جو خون ڪيو اٿس. ڪيترن کي لٽيو اٿس، گهڻن کي ئي ماري ڇڏيائين. اُن کي ڪهڙو ڏنڊ ڏنو وڃي؟“ جواب ڏنائين ته ”اُن کي وئڪنٽ ۾ موڪليو وڃي.“ موڪلي ڇڏيائون.

هيءُ ڪير آهي؟ مهاراج! هيءُ کير وڪڻندڙ آهي. هن پاڻي ملائي، کير ڏنو، ٻارن جا پيٽ وڌي ويا. بيماريون ڦهلجي ويئڙن. اهڙو ڪم ڪيو آهي هن اُن

پنهنجي طرفان مون خرابي ڪانه ڪئي. گيتا ١٥-٦ جو ٻوٽن حصو آهي - "جنهن پرم ڌام کي پراپت ٿـي، مونکي نيا اچن."

ڀڳوان چيو ته ڳـالهه ته ٺيڪ آهي. ڪپڙو به وڏو پاڻي هئي، ولڪٽ ۾ هلڻ وڃي ته اهو مونکي واپس ڏورو ٿي ايندو. اِن جا پاپ ته سڀ ناس ٿي ويا."

" ته تو هي چا ڪيو؟ "

" چا ڪيو مون مهاراج! منهنجي همت ۾ ته جڏهن اهڙي ڳـالهه ايندي ته مان اُٿـن ٿي ڪندس. سيٺي کي ولڪٽ ۾ موڪليندس. مان ڪنهن کي سزا ڪيئن ڏيان مهاراج! اهو ته مان چاهيـان ٿو ته ٿوري وقت لاءِ گدي ملي آهي. مون کي گدي ملي؟ منهنجو وس هلي ته سڀني کي ڪم ڪرايان. لوڪن جو آڌار ڪرڻ ڪو خراب ڪم آهي چا؟"

" ان کي خراب ڪير چوندو؟"

چوڻ اهو آهي ته جنهن به طرح ٿئي، سيٺي جو پٽ ڪريو. "سڀ سان رلي ملي هلو. ندي نالا سمورا."

ڌرمراج کان پڇيائين ته "ڌرمراج! تو هن کي گدي ڪيئن ڏني؟" چيائين - "مهاراج! ڏسو، توهان جو ڪاغذ آيو آهي، صاف صاف توهان جي صحيح هيٺان آهي."

ڀڳوان ڪاتب کان پڇيو ته - "ڪيئن ڙي، مون هي ڪاغذ توکي ڪڏهن ڏنو؟"

ڌرمراج چيو تہ ” اهو ڪم مھنجو ڪونهي . هي جيڪو معيب توهان موڪليو آهي ، اهو اُن جو ڪم آهي . “ ڀڳوانيس تہ ” توکي ڪنهن موڪليو ؟ “ هن چيو تہ ” توهان . “ ” اسان ڪنهن موڪليو ؟ “ جواب ڏنائين تہ ” مھنجي ڇا ٻانهي جي هٿ جي ڳالهه آهي ، جيڪو هتي اچي وڃي ٿو ؟ توهان ئي موڪليو . توهان جي مرضيءَ بنا ڪو بہ ڪم ٿئي ٿو ؟ مھنجيءَ طاقت سان هيءُ ٿيو آهي ڇا ؟ “

” ٺيڪ آهي . تہ تو هي ڇا ڪيو ؟ “

” ڇا ڪيم مهاراج ! ڇا ڪيو مون ؟ “

” جيڪڏهن ويڪنٺ ۾ موڪلڻ خراب ڪم آهي تہ جيترا سڀ مهاتما آهن ، سڀني کي سزا ڏني وڃي . جيڪڏهن هي خراب ڪم ناهي تہ مون ڪهڙو خراب ڪم ڪيو صاحب ؟ جيڪڏهن سٺو ڪم آهي تہ پوءِ ڏوراپو ڇاجو ؟ اُنهيءَ هوندي بہ توهان کي پسند ناهي تہ واپس موڪلي ڇڏيونِ . پر ڀڳوت گيتا ۾ لکيل هي شلوڪ توهان کي ڪڍي ڇڏڻو پوندو . هي تہ گيتا ۾ ٿيندو ڪونہ .

यद् गत्वा न निवर्तन्ते तद्धाम परमं मम ।

اُنهيءَ ڌام ۾ وڃي ، پوئتي موٽي ڪونہ ٿا اچن ، اهو قاعدو تہ ٽٽي پوندو . ڀلي پوئتي موڪليونِ . “

ڀڳوان چيو تہ ” ڀائي ، ڳالهه ڇا آهي ؟ “

” مون پنهنجي طرفان موڪليا تہ سٺو ئي ڪم ڪيم .

هي ڪاري مٽي وارو آدمي ڏاڍو عجيب آهي. مهاراج! اهو چاهي ٿو ته تمام وڏي ان پٽل ڪري ڇڏي، هي ته پنهنجو پاڻ ڦاسي وڌو. هيءَ اپڪار ڪرڻ لڳو، پاپ ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

تڏهن ڀڳوان چيو ته ”چڱو، جيڪي ٿيو، سو ٿيو، هاڻي ته هيٺ هليو وڃ.“

ته ١٥-٦ شلوڪ ”جنهنکي پراپت ٿي، موٽي واپس نٿا اچن۔ ”پدارو ته مان توهانکي پراپت ٿيس يا نه.“

”چڱو، هل ڀائي، تون هل مون سان گڏ.“

”مهاراج! مان ٿي هلان؟ هاڻي پوئتي رهندو ويچارو؟ اُنجي ڪرپا سان ته مان آيس. اُنکي به ته گڏ وٺي هلو.“

هاڻيءَ چيو ته ”منهنجا گهڻائي پاپ ويٺا آهن، هٽي نرڪ ۾. سيوا کي وٺي هلو.“

”هلو ڀائي، سيوا کي وٺي هلو.“ سيوا جو اُڌار ڪيو.

سيوا جو ڦلو ڪريو

شايد هيءَ ڪهاڻي ته بڻايل آهي پر اُنجو سدانت پڪو آهي ته پنهنجي هٿ ۾ ڪو ڪم هجي ته سيوا جو ڦلو ڪرڻ. سيوا جو اُڌار ڪرڻ. ڪلياڻ ڪرڻ، چڱو ڪري سگهو. پنهنجيءَ نظر کان انسان ڪنهنکي به دک جو ڏيون؟ سنتاپ جو ڏيون؟ پنهنجي من کي شد ڪرڻ، نرمل ڪرڻ. پالڪن کي پڙهائڻ، ڀاو آنهجي اُڌار جو ٿي رهي. सर्वं भूत हिते रता: پراڻي مالڪ جي

ڪاسٽ و راڻيو - گيتا ۾ لکيل آهي ته सर्वस्य चाहं
हृदि संनिविष्ट: سڀني جي هردي ۾ مان رهان ٿو، ته
هردي مان آڳيا آئي ته ڪاغذ لک. قلم سان مون
لکيو، حڪم ته توهان جو ئي ٿيو. انهيءَ ڪري قلم
مهڙجو، صحيح توهان جي ئي، ڪاغذ توهان جو ئي
آهي. صاف ڳالهه آهي. جڏهن توهان انهيءَ کي
مهڙجو سمجهو ٿا ته گيتا مان ١٥-١٥ شلوڪ ڪڍي ڇڏيو.
توهان جي واٽي آهي اها.

ڀڳوان چيو - "ٺيڪ". ڌرمراج کان پڇيائون ته
"اڙي ڌرمراج! ڳالهه ڪهڙي آهي؟ هي ڪيئن آيو؟"
"مهاراج! ڪيئن ڇا آيو؟ توهان جو خط ڪٽي آيو.
تڏهن دوتن کان پڇيائون ته "هيءَ ڳالهه ڪيئن ٿي؟"
"صاحب! توهان ئي چيو هئو ته هڪ زنده ماڻهو
آڻجو."
"ته اهو اهوائي آهي ڇا؟ اڙي واقفيت ته ڏيو.
"اسان ڪهڙو پڇڻ ڪريون مهاراج! توهان ته
ڪاغذ ورتو ۽ هڪڙي گڏيءَ ئي وهاري ڇڏيو. اسان
سوچيو ته پڇڻ هوندو. انهن هوندي به اسانجي همت
ڪيئن ٿئي ڳالهائڻ جي؟ انهيءَ ۾ اسان ڪيئن ڳالهايون
ها؟"

هائي ڪڙو هو. چيائون- "جئه رام جي ڪي." توهان
چيو هو ته، تون چئو وس ۾ ئي وٺون؟ مان ڇا وس ۾
ٿي واس، وس ۾ ته ڌرمراج ئي وڃو ۽ ڀڳوان ئي وڃو.

رهڻ وارو آهي، رکندا سين. سو اهو نه رهڻ وارو آهي ڪونه. ان جو گيان سنڌي کي آهي. اها ڳالهه اسان چاهيون ٿا پر چاهيندي ۽ عمل ڪونه ٿا، اهائي غلطي ٿئي ٿي.

سنڌي کي وڌڻو پوندو. شراب اهڙو خطرناڪ آهي، جو گرڀ واس کان وٺي ١٠٠ ورهين جي عمر تائين، هروقت موت لاءِ کليل آهي. موت جي رواج ۾ ڪو فرق ڪونه ٿو پوي.

ڇهن ٻهڻن سالن جو هڪ ٻالڪ ماءُ جي ٻرسان ڪنڌي رهيو هو. هن ٻڌو 'ٿڌي برف'. ماءُ کان پڇا ورائين. ڊوڙي برف وٺي آيو. هٿ ٿڌو ٿي ويس. هن ماءُ کي چيو ته "اما، برف تمام ٿڌي آهي. ٿوري گرم ڪر. ماءُ چيو- "گرم ڪيئن ڪريان." ٻار چيو ته تون روٽي ڪندي آهين، تون گرم ڪرڻ ڄاڻين ٿي. تون ٿوري گرم ڪر. گهڻي ٿڌي آهي."

ماءُ چيو- "پٽ! اها گرم نه ٿيندي آهي. ٻار چيو ته اما، تون رسوئي ناهيندي آهين، گرم ڪرڻ توکي ايندو ٿي آهي، گرم ڪر."

ماءُ انڪار ڪري ٿي؛ ٻار رئڻ لڳي ٿو. ماءُ کي خبر آهي ته برف گرم ڪانه ٿيندي. گرم ڪري ته اها برف ڪانه رهندي؛ برف رهندي ته گرم ٿيندي ڪانه.

ٻالڪ ضد ڪري ٿو. ڪيستائين؟ جيستائين ڪيس

پئي پر رچي رهي، ڇاڪاڻ تہ هيءَ گدي توري ۾
ڏيڻ رهڻ واري آهي. جيئن ڪاسٽ ڇيو هو تہ گدي
توري ڏيڻ رهڻ واري آهي. اهڙيءَ طرح اسان توهانکي
ڇيو تہ اسان تہ هر روز موت طرف وڃي رهيا آهيون.
انڪار هجي، پڻ هجي، توري ۾ ڏيهن جو آهي،
سدائين رهڻ وارو ڪونهي. اسان رهڻ چاهيندا آهيون،
پڻ ادارت ۽ شخص ڪي رکڻ چاهيندا آهيون ۽ آهي هاڻ
ويندا تہ من کي ڏاڍو دک ٿيندو. من جي اندر اسان
اهڙي پاونا نہ رکي، شيوا جو ڀاءُ رکون. آهي ماڻهو
رهن تہ سڀني ڳالهہ، وڃن تہ پرواه ناهي.... جيڪڏهن
شرير سان بہ اهڙو ڀاءُ رکون تہ مهان سک جي پراپتي
ٿيندي ۽ شانتي رهندي.

ڪنهن جو هڪ ٻہ روپيو بہ ڪٿي ڪر ٿي وڃي تہ
وڃڻ سان ڏاڍي چنتا ٿئي ٿي. جيڪڏهن توهان ١٠٠
روپيہ بہ پرهم - ڀوڄن ۾ لڳائي ڇڏيا، سڀني ڪم ۾ لڳايا
تہ ١٠٠ روپين جي چنتا ڪانہ ٿي رهي. پرسنتا ٿئي
ٿي تہ سڀني ڪم ۾ لڳايا آهن. پيسا سڀني ڪم ۾ لڳايون
تہ پرسنتا ٿئي ٿي ۽ ڪر ٿي وڃن تہ دک ٿئي ٿو. انهن
۾ هيءَ سنسار آهي. ان جو وڇوڙو ضرور ٿيندو.
جيڪڏهن توهان خود تياڳ ڪريو، سڀني سان سڀني ۾
ستو ورتاءُ ڪريو، ٻئن ۾ ٻئن ڪارڻ ۾ لڳايو تہ ڏاڍي
شانتي ٿيندي، آنند ملندو. نہ تہ ڪو رهڻ وارو نہ
آهي ڪونہ. ڪوئي رهڻ وارو هجي تہ سرڇيو تہ ٿائي

انهن لاءِ ٻيگران ڇوي ٿو ته اهي مون کي پرابت ٿين ٿا.

سنسار ۾ جيڪي پدارٿ آهن، اهي جدا ٿيڻا آهن، اهي جڏهن جدا ٿيڻا آهن ته انهن سان شهوا ڪري لاڀ نه وٺو. ڪهڙي نه عمدي ڳالهه آهي! شرير وڃڻ وارو آهي، ماڻهو وڃڻ وارا آهن. انهيءَ ڪري گڏ رهي سٺي ۾ سٺو ورتاءُ ڪريو. خبر ناهي ته ڪهڙي وقت هتان وڃڻو پوي. گاڏي وقت تي ويندي آهي. اسان وقت کان اڳ اسٽيشن تي پهچي ويندا آهيون. تياري اڳ ۾ ئي ڪندا آهيون پر هيءَ گاڏي ڪڏهن ڇڏيندي، ان جي خبر ڪانهي. صبح جو ڇڏيندي يا شام يا منجهند جو، ڪا خبر ڪانهي.

ڪجهه سال اڳ جي ڳالهه آهي. جوڌپور ۾ هڪ ٽانگي وارو هو. اسٽيشن تان مسافرن کي وٺي وڃي رهيو هو. وچ ۾ چابڪ ڪيائين گهوڙي کي هڪلڻ لاءِ ته اچانڪ ڪري پيو ۽ مري ويو. چابڪ هڻي نه سگهيو! اها حالت آهي اسان جي.

ناڳپور ۾ هڪ هندو ماڻهو آيو هيو. اهو ڪنهن هنڌ رهيل هيو. سنان ڪرڻ جي تياري ٿي. کٽ پيٺي هئي. انجي مٿان ڪپڙو ٽنگيل هو. کٽ تي هٿ رکي ڪپڙو ڪڍڻ ويو. اتي ئي ڪري پيو ۽ ختم ٿي ويو. کٽ تي ڪري پيو! ته ڇا اسان فولاد جا ٺهيل آهيون؟ ڪهڙي خبر ته موت ڪهڙي وقت اچي وڃي! انهيءَ ڪري هر وقت تيار رهو.

اهو ڳيان نٿو رهي ته اها ڳرم ٿيڻ تي برف نٿي رهي، تنهنڪري اهو ضد ڪندو. پوءِ هو سمجهي ويندو ته برف ته ٿڌي ٿي رهڻ واري آهي. ڳرم ڪرڻ تي رڃي ويندي، برف ڪانه رهندي. انهن جاهلڻ ضد ڪندو ڇا؟

چگر اهڙو ڪهڙو آهي، جيڪو نٿو مڃي ته شرير مرڻ وارو آهي؟ اهو ته ٻرڻ وارو آهي. ٻرندڙ مٽي آهي، ته هو وڃڻ وارو آهي، پوءِ به اسان مٿس ڌارڻا ڪريون ٿا ته اهو ٻٽو رهي. ٻالڪ وڏو ٿيندو، تڏهن سمجهي ويندو. توهان ڪڏهن وڏا ٿيندا پاڻي؟ جڏهن ڏاهن کان توهان اهو سمجهو ته شرير ته وڃڻ وارو آهي، انهيءَ ڏاهن کان ويندڙن کان سٺيءَ طرح ڪم وٺو. ڪم سٺيءَ طرح ڪريو. ورتاءَ عمدي ۾ عمدو ڪريو. انهن کان لاڀ وٺڻو هجي ته لاڀ وٺو. سيوا ڪرڻي هجي ته سيوا ڪريو .... ويندڙ کي رکي ڪيئن ٿا سگهو؟ اهو ته وڃڻ وارو ئي آهي. اڄ ڏاهن ڏانهن اهو رواج ئي رهيو آهي ته اُن کي رکون ته هيءَ نئون رواج ڪيئن ٿيندو؟ انهيءَ ڪري اڄ ڏاهن ڏانهن جيڪا پل ٿي، سا ٿي. اڳتي سڀني سان تمام وڏيءَ عزت جو، اپڪار جو، سيوا جو، پيار جو ورتاءُ ڪريو. شاستر جي آگيا، ڌرم جي مريادا موجب سيوا ڪريو. سڀني کي سک پهچايو ته پاڻ ۾ توهان جي رڇي ٿي ويندي. پراڻي ماتر جي پاڻ ۾ جنهنجي رڇي آهي،

آنداڻين رهيا. هڪ هنڌ رکيائين ۽ مري ويو. ته اوڏانهن
سنڌيڪ هو ۽ ته هيڏانهن سنڌيڪ رهيو. ٻار ڀو ويائين. ساڍا
١٢ سير آنداڻين. ڪڏهن هڪ ڏينهن ۾ ڪيترو ڀوئي ٿو؟
مٽن جا مٽ ٻئي سرون ڀوئي ٿو ٻه شام جو هو ٻي ڪر
رهي ٿو ۽ توهان کي رات ڏينهن رکڻ رهڻ جي چنتا
ستائي ٿي. صبح لهڻ لائين، ڪير آئو آهي؟ (چورن
جي، ڌاڪن جي چنتا رهي ٿي.) ڀوء رکڻ جو رکڻ
ٿي رهجي ويندو.

نام ڌن

اهو ڌن ته أصلي ڌن ڪونهي. أصلي ڌن ته ڀڳوان
جو نالو آهي. سڀني ڏينهن مالامال ٿي وڃي.

ڪبيرا سب جگ نرڌنا، ڌنونتا نهين ڪوء،
ڌنونتا سوء جانئي، جاکي رام نام ڌن هوء.

انهيء ڌن ڪمائڻ ۾ سڀني آزاد آهن، پئسن ڪمائڻ
۾ ڪو به آزاد ڪونهي، سڀئي غلام آهن. اها ڳالهه
پڪي آهي، ڪي ٻائر ٻنر هڪ ته مالها ڦيرڻ جو نيم رکن
ٿا. سڀان ڪري ٻارهن ڪن ٿا، اهڙو نيم آهي. ايترو
ٿي نيم اسان ڪان ٿئي ٿو مگر پئسن ڪمائڻ جو ڪيترو
نيم آهي ٻائي؟ روزانو زياده ۾ ٥٠ روپيا. پڇيو ويو
ته "اهو به نيم آهي ڇا؟" چون ٿا ته پنهنجي هٿ
جي ڳالهه ڪانهي. اهوئي ته اسان چئون ٿا ته جيڪا هٿ
جي ڳالهه ڪانهي، انجي ته پٺيان پيا آهيون ۽ سرچون

اسٽيشن تي اچي هليا ويون ٿا. اهڙيءَ طرح اچي تي تيار رهو. اٺ ورتاءَ ڪندا ته ٻرڪ ۾ ڍڪ، نه ٿيندو. شيون هتي ئي رهجي وينديون ؟ وڃڻو پوندو. مون جهڪڙهن انهن ۾ رهيو ته سوچيندا رهندا ته هي آئي رهجي ويو. فلاڻي آئي رهجي وئي. ”حاڪم آئي حولدار چوڙ نڪري“. سندن جي پد ۾ اچي ٿو:-

چوڙ نڪري ري هميشا چوڙ نڪري،
ابتي آوي حولدار چوڙ نڪري.

دونهين گهڙي ٿهري مهراجا، دونهين گهڙي ٿهري مهراجا،
ماما پڙي هٿ مري بکري، ماما پڙي هٿ مري بکري.

هري هري ماما پڙي هٿ مري بکري،
آج آئي حولدار چوڙ نڪري،
ابتي آئي حولدار چوڙ نڪري.

.... هتي ماما پيئي آهي، اُن کي سمجهي چڙهيو چاهي چڙهي ڏيو ته ڪهڙو فرق پوندو؟ هڪ هنڌ پيئي هجي يا انيڪ جڳهن تي پيئي هجي، وڃڻ واري جو ته سنبند ڪونهي. سمجهو.... ته ماڻهو روزانو هزار روپيه آڻي ٿو. هزار روپيه آنداڻين ؟ ٻارهن مهينن ٿائين آنداڻين. آڻي آڻي رکي چڙهائين. پوءِ مري ويو. ڪهڙو فرق پيو، پڌايو؟ آج ڪاله ته ڪاغذ مان ٿا. اڳ ته چانديءَ جا روپيه هئا. روپيه آنداڻين ته وزن ۾ سايا ۱۲ سير

آهي. هي وڃندو نٿي، ڇڏيندو نٿي. انهن جو مرڻ ڇڏڻو
آهي. جهڳڙو ڇڏڻو نٿي آهي، اُن جي ممتا ڇڏڻ ۾
ڪهڙو زور لڳي ٿو؟ جن کي ڇڏڻو آهي، اُنهيءَ ممتا
جو تياڳ ڪرڻو. شرير ۾ موه جو تياڳ ڪرڻو ته نهال
ٿي ويندا.

निर्ममो निरहंकार: स शान्ति मधिगच्छति ।

(گيتا ۲-۷۱) نرموه ٿيا، اَهنڪار رهت ٿيا ته
پراهيءِ اسٿتي پراپت ڪندا. پوءِ ته سڀ کان وڏو
سک ملي ويندو. دک سدائين لاءِ شانت ٿي ويندي.

اها اسٿتي توهان کي، اسان کي، سڀني کي ملي
سگهي ٿي ۽ سڀئي ان جا اَڌڪاري آهن. شرط اهو ئي
آهي ته اسان سچي هردي سان چاهيون. انهيءَ ۾
آزادي به آهي. اسان چاهيون ته موه رکي سگهون ٿا
۽ تياڳ به ڪري سگهون ٿا. اسان چاهيون ته ممتا
جو تياڳ ڪري سگهون ٿا ۽ چاهيون ته رکي به سگهون
ٿا. سڀ ڇڏڻو پوندو ته ڀلا ڇو نه ممتا جو تياڳ ڪريون.
ٺاڪرجيءَ کي اَرپڻ ڪري ڇڏيون. سڀ ڪجهه ڀڳوان
کي ارپڻ ڪري ڇڏيون ته توهان جي ڇا جو آهي. سچي
ڳالهه آهي، سڀ ڀڳوان جو آهي. اسان ته وچ ۾ اچي
ڇاپو هڻو آهي. پنهنجو ممتو آهي. انهيءَ رستي
ٺاڪرجيءَ کي ئي ڏيئي ڇڏيون -

त्वदीयं वस्तु गोविन्द तुभ्यमेव समर्पये ।

لڳا نه لڪائڻ ئي وڃون ۽ مالامال ٿي وڃون. اهو نه وٺون لڳا، جيڪو ساڻ هلي سگهي ٿو. جيڪو وٺون لڳا، اهو ساڻ هلي ڪونه ٿو. نتيجو ڇا نڪرندو؟ ذرا سوچيو. "ڪھا پرديشي ڪي پريت - جانو تو پار نه لاوي - ڪھا پرديشي ڪي پريت." ڪوڙي پريت ڪريون؟ ڪوڙي خبر نه ڪڏهن روانا ٿي وڃون؟

اسان نه موت جي منهن ۾ ويٺا آهيون. ڪڏهن هتان هليا وينداسين، ڪا خبر ڪانهي. نه پرڀو ڀڳوان جي نالي جو نه جپ ڪريو ۽ انهن جي سيوا ڪريو. پاٺ ڪريو. هر طرح سان انهن جو اُپڪار ڪريو. اهي ٿي ۽ ڳالهيون ڳڻيندو. ڀڳوان کي نه ياد رکو ۽ هتان جي چيزن ذريعي سنسار جو پاٺ ڪرڻو آهي. هڪ نه جن وقت هر طرح جي ڪمي آهي، انهن جي سيوا ڪريو ۽ پيا اسان جا پيا، دادا دادايون، جيڪي بُزرگ آهن، انهن جي آڳيا مڃيو. سيوا ڪريو نه جنم سڦل ٿي ويندو. نه نه هتان وڃڻو نه پوندو ٿي.

ممتا جو تياڳ ڪريو

مڪتي پراپت ڪرڻ ۾ سڀئي آزاد آهن. پنهنجو نه مڃي، سيوا ڪريو. سيوا ٿي ويندي. پنهنجو سمجهي ڪنداسين ۽ پنهنجو سک وٺنداسين نه پڌن ٿي ويندو. ڇڏڻو ڪن کي آهي؟ جيڪي ڇڏي رهيا آهن. توهان کي هر وقت ڇڏي رهيو آهي، هر وقت وڃي رهيو

ستسنگ جي مهانتا

سوال:- توهان کي آڌياتمڪ لاڀ ڪهڙو ٿيو؟

جواب:- اسان کي ته ستسنگ مان لاڀ ٿيو آهي. مان ساڌن کي اهڙي اهميت ڪانه ٿو ڏيان، جهڙي ستسنگ کي ڏيان ٿو. مون کي خاص لاڀ پستڪن ۽ ستسنگ مان ٿيو آهي. اِن لاءِ ته سمجهان ٿو ته اهي جيڪڏهن من لڳائي، اوتها وڃي، ستسنگ جون ڳالهيون سمجهن ته تمام وڏو لاڀ وٺي سگهن ٿا.

هڪ خاص ڳالهه ٻي آهي. مون کي جيترا سال لڳا، توهان کي اوترا ڪونه لڳندا. انهيءَ وقت ۾ توهان کي مشڪلات معلوم ٿي رهي آهي، انهيءَ ڪري چئي رهيو آهيان. جيڪڏهن توهان ستسنگ کي اهميت ڏيو ۽ انهن ڳالهين جو گهرو منن ڪريو ته تمام جلد توهان جي اُنتي ٿي سگهي ٿي، اهو مون کي صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اڌار ڪڏهن؟

مان توهان کي اڻ اَڌڪاري ڪونه ٿو مڃان، توهان ۾ ڪمي آهي پر ڪمي دور ڪرڻ جي شڪتي به توهان ۾ پوري آهي. منهنجي سمجهه ۾ توهان ۾ انهيءَ وقت

هي ڀڳوان! تنهنجي وستو، تنهنجي سمرپڻ آهي.
ائين ڪري ڀڳوان کي ياد ڪريون. مست ٿي وڃون ۽ آنند ٿي وڃي. ذميواري ختم ٿي وڃي. ٺاڪرجيءَ جي چيز ٺاڪرجيءَ کي سونپي ڇڏيون. شرير، ٻڌي، من اندرين کي اسان پنهنجو نه سمجهون. انهن مان پنهنجائي هٽائي ڇڏيون، چپ چاپ اندران ٿي. سڀ ٺاڪرجي ٻاڪل سوڀڪار ڪندو. ڇوڻجي ۽ ضرورت ڪانهي. اهو ته هر هنڌ ٻراجمان آهي.



چئي آهي. اڇا ڇا آهي؟ هي اهڙ گهرجي ۽ هيءَ نه اهڙ گهرجي، اهوئي اڇا جو سروپ آهي. انهيءَ ڪري ڀاڳيو نه ڪيترو نه ڀاري لاڀ ٿي ويو! ڪيترا چوري ٿي نه جيڪو انسان سڀني اڇائن کي ڀاڳي ڇڏي ٿو، اهو استيت پرگيه آهي ۽ سي پڳرست پرارمب پرش آهي.

ذرا ويچار ڪريو ته اڇا سان ڪجهه ملي ته ڪونه ٿو، فقط پڇتائي مذاق ئي ٿئي ٿي. صرف اڇا سان شريرجو، ڪٽنب جو پالڻ پوشڻ ڪونه ٿو ٿئي. ٻئي جو پيدا اهڙ اڇا تي ٻلڪل مدار ڪونه ٿو رکي. پدارٿن جي پراپتي ٿئي ٿي، اڳين ڪرمن ڪري ۽ هاڻوڪن ڪرمن سان. پدارٿن جو ڪرمن سان گهرو سنبنڌ آهي. پدارٿن جو اڇا سان ڪو سنبنڌ ڪونهي. بس! انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪرپا ڪريو ته اڇا سان پدارٿن جو سنبنڌ ڪونهي. توهان مان ڪو اهڙ چئي سگهي ٿو ته ڇا اسان اڇا ڪانه ڪئي، انهيءَ ڪري مسڪين رهياسين؟ اڇا ڪريون ها ته ڌنوان ٿي وڃون ها! انهيءَ ڪري توهان کي اها ڳالهه دل سان لڳي ٿي. نه نه اڇائن سان پدارٿن جو ڪو سنبنڌ ڪونهي. پدارٿن جو سنبنڌ ڪرمن سان آهي، ڇاڪاڻ ته ڪريا ۽ پدارٿ ٻئي ڌرتي چيزون آهن، ٻئي هڪ ٽنو آهن. پدارٿن جو سنبنڌ ڪرمن سان آهي، چاهي اهي ڪرم پورب (اڳين) جا هجن، چاهي هاڻوڪا. پورب ڪرمن کي "پرارٻڌ" چون ٿا ۽ هاڻوڪن ڪرمن جو نالو

جي فقط اُپلاشا جي ڪمي آهي. اُپلاشا جاڳرت ٿي وڃي ته ڪو پاپيءَ کان پاپي هجي، مورک کان مورک هجي، ڪنهن وقت ٿوري ۾ ٿورو وقت هجي، ته به اُن جو اُڌار ٿي ويندو. سنسار جي ڀوڳن کي حاصل ڪرڻ جي جيڪا لڳن آهي، اُنهيءَ کي ڪرپا ڪري ڇڏي ڏيو.

ڪيسو مٺوا اڪ هئا، پساوي جهان لڳاءِ،
پاوي هري کي ڀڪتي ڪر، پاوي وشيه ڪماءِ.

سنگره (جمع ڪرڻ) ۽ ڀوڳن ۾ جيڪا لڳن لڳل آهي، اُنهيءَ کي مٽائڻو بس، اِتروئي ڪم آهي. پوءِ پرماتما جي لڳن آزخود لڳي ويندي.

اڇائون ڇڏيو

هيترا روپيا ٿي وڃن، هيترا وڏا ٽبن، هيترا وڏا ٽبن .... هڪ اِڇائي لڳن آهي. هڪ اِڇا آهي ته سک ڀوڳي وٺون، عيش آرام ڪري وٺون، مان ملي، وڏائي ملي، تندرستي ملي، سماج ۾ منهنجو استان پٺجي وڃي، اسان اهڙا ٿي وڃون. اِهي جيترائون اِڇائون آهن، انهن جو تياڳ ڪري ڇڏيو. بس، پوءِ ته توهان کي پرماتما پراپتيءَ جي لڳن ازخود لڳي ويندي. توهان ڇني سگهو ٿا ته جيتري لڳن لڳڻ گهرجي، اوترو تياڳ نه ٿي رهيو آهي. من ۾ تياڳ آهي ٿي ڪونه. تياڳ ڇا آهي؟ گيتا جيءَ جڳهه جڳهه تي اِڇائن جي تياڳ جي ڳالهه

ٿورا ئي آهن اهي نه ڀڄندا ڪرڻ سان ٿيندا. پيدا ڪرڻ ڪرم سان ٿيندو. انهيءَ ڪري ڪرڻ سان پدارٿ ملڻ ٿا پر پرماتما پيدا ڪرڻو ڪونه ٿو پوي. اُن جي نئين رچنا ڪرڻي ڪانه ٿي پوي. اُن ۾ ڪجهه تبديل ڪرڻي ڪانه ٿي پوي. اُن کان ديش ڪال جي دوري ڪانهي. انهيءَ ڪري اُن لاءِ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. اهو نه فقط اڇا ماتر سان ملي ٿو.

پر ڪا به سنسار جي وستو اڇا ماتر سان ڪانه ٿي ملي. حقيقت ۾ نه پرماتما مليل ئي آهي. اڇا ماتر چوڻ جو ڀاوُ اهو آهي ته سنسار جي اڇا مٽائڻ ۾ ئي پرماتما پراپتيءَ جي اڇا ڪرڻ جي سڦلتا آهي. پرماتما سان ملڻ لاءِ ڪنهن اڇا جي به ضرورت ڪانهي. هو نه آهي، جنهن جو لڀڻ آهي. هر هنڌ پرپورڻ آهي. سدائين مليل آهي. مگر سنسار جون اڇائون رکڻ سان اُن جي انڀوتي نٿي ٿئي. انهيءَ ڪري سنسار جي اڇائن کي هٽائڻ لاءِ پرماتما جي پراپتيءَ جي اڇا ضروري آهي.

سنسار جي وستن جي پراپتيءَ جي وشيه ۾ نيم آهي ته اڇا ڪريو، پرشارٿ ڪريو ۽ پرارٻڌ ڪريو. پرشارٿ ڪريو ته پرارٻڌ جو سنجوڳ ٿئي ته من چاهيل وستو ملندي. نهي جو سنجوڳ ٿيندو ته وستو ملندي. توهان چئي سگهو ٿا ته وڏو پريوار آهي، روزيءَ ڪپڙي جي تنگي آهي، ڪم هلي نٿو. اڇا بنا ڪيئن رهون؟ ته اڇا سان ٿورو ئي ملندو. ڪم ڪرڻ جي اڇا ڪريو،

”پرشارٿ“ آهي. انهيءَ ڪري پرشارٿ هجي نه ڪرم، پرارٻڌ هجي تب ڪرم. ڪرم سان پدارٿن جو سنبنڌ آهي. اڇا سان انهن جو سنبنڌ بلڪل ڪونهي.

مان اڇا ڪريان ته منهنجو پالن پوشڻ ٿي وڃي، ته ڇا اهڙيءَ طرح اڇا ڪرڻ سان منهنجو پالن پوشڻ ٿي ويندو؟ ڪلاڪ ڪن سڀئي گڏجي اڇا ڪريو ته هن جي ڪٽنب جو پالن پوشڻ ٿي وڃي؛ ڪوڙيءَ هڪ ڏينهن ڪانه، پرشارٿ ڪرڻو ڪين. ڪٽنب جو پالن پوشڻ اهڙيءَ اڇا ڪرڻ سان ٿي ويندو؟ هرگز نه. انهيءَ ڪري اڇا سان ان جو سنبنڌ ڪونهي، اڇا سان سنبنڌ آهي صرف پرماتما جي پراپتيءَ جو. پرماتما پراپتيءَ جي فقط پرٻل اڀلاشا هئڻ گهرجي ته انهيءَ اڇا جي پراپتي ٿي ويندي.

سوال:- اڻهن ڇو آهي؟

جواب:- پدارٿن سان اسانجو ڪهڙي سنبنڌ ڪونهي، اسانجي جدائي آهي. انهن کان ديش ڪال جي دوري آهي، انهيءَ ڪري انهنجي پراپتي ڪرڻ سان ٿيندي. پرماتما سان ديش ڪال جي دوري ڪانهي، وستو شخص کان دور ڪانهي. ”مان“ ”مان“ جتي ڇٽون ٿا، اتي ئي اها پورن آهي هرهنڌ ۽ سدائين اها پورن آهي. هرهنڌ سدائين سڀني ديش ۽ ڪال انجي اندر آهن، اهو هرهنڌ موجود آهي. جڏهن پرٻل اڇا ٿي، اتي ئي پرگهٽ ٿيو. ڀڳوان وانگر هرهنڌ پرپورن

چار ڳالهيون

توهان ستسنگ ڪندا آهيو، سڀ ڪجهه سمجهو ٿا. مگر هيءَ ڳالهه ٺيڪ طرح سان سمجهو. انهيءَ ڪري ڪوشش ڪرڻ جي اڇا ڪريو. ٿڪا نه رهو، توهان کي چار ڳالهيون ٻڌايان ٿو، انهن تي ڌيان ڏيو:-

(١) سويرو وقت سڀني ۾ سٺو، اوچي ڪان اوچي ڪم ۾ لڳايو. ٿڪا نه رهو. اجايو وقت برباد نه ڪريو. تاس چوپڙ، کيل تماشو، بيڙي سگريٽ، سينيما ناٽڪ ڏسڻ - اهي سڀ اجايا ڪم آهن. اهي تموگڻي ڪارج آهن. "अधोगच्छन्ति तामसा:" (گيتا ١٤-١٨). اهڙا حالت تمدي اهي لوڪ ۾ وڃڻو پوندو. اهڙن ڪمن ۾ وقت نه وڃايو. شرير جو گذارو ٿئي، پرماتما جي پراپتي ٿئي، سو نه ٺيڪ رهي، دنيا جو ڀلو ٿئي، اهڙن ڪارجن ۾ لڳا رهو. اجايو وقت برباد نه ڪريو.

(٢) جيڪو به ڪرم ڪريو، اهو سٺي نموني ڪريو ته جيئن من ۾ سنتوش ٿئي. پيا ته ڇون ته تمام سٺو ڪري ٿو. لکڻو هجي، پڙهڻو هجي، صفائي ڪرڻي هجي، وکرو ڪرڻو هجي، خريدي ڪرڻي هجي، سنسار ۾ جيڪو ڪرم ڪرڻو هجي، تمام سٺي ڍنگ سان، سهڻي روپ سان ڪريو. ماڻهون ٻين روٽي سٺيءَ طرح سان ڪن، ٺيڪ طرح سان روٽي پچائن. سڀني کي سنتوش ڪرڻ ٿئي، سڀني کي سک ڪرڻ پهچي، اهڙي ڍنگ سان ڪريو.

نڪما نه رهو، اجايا نه رهو. ڪوڙ، ڪپت ۽ بي ايماني نه ڪريو. ٺڳي دوکيبازي نه ڪريو. انصاف سان ڪم ڪريو. من ۾ ريس کي اهميت نه ڏيو.

پاپ کان بچو

لوڀ آهي، مرڻ جي اڇا آهي، انجو تياڳ ڪريو. ڌن پراپت ٺجي ويندي، ڌن جو پراپت ۾ لڪيل ناهي، اهو اچي ويندو. پر توهان جي لوڀ جو تياڳ ٿي وڃڻ گهرجي. ريئن ٻئن جي انتهڪرڻ ۾ اهميت نه رهي ۽ پنهنجو ڪرتويه نيڪ طرح سان پالن ڪريو. بي ايماني بلڪل نه ڪريو. نياءُ سان ڪم ڪريو. اهڙو ڪو نشچو هجي، جو چاهي مري وڃون پر پاپ نه ڪنداسين، انياءُ نه ڪنداسين. ڪوڙ، ڪپت، جعلسازي نه ڪنداسين، نه ڪنداسين. مري وڃون ته ڪهڙو فرق پوندو؟ مرڻو ته هڪوار آهي ئي. ڪوڙ، ڪپت، بي انصافي ڪري مرندا ته پاپ جي گٺڙي کڻي مرندا. بنا پاپ ڪئي، هلڪا هلڪا جلد ئي مري وڃون ته هرج ڪهڙو ٿيو؟

پاپ گڏ نه ڪريو. جيڪڏهن پاپ ڪرڻ بنا پئسو نه ملندو هجي ته ڀلي بکيا مري وڃو. ائين ڪرڻ سان نرڪ ۾ ڪونه ويندا، پاپ ڪري ويندا ته نرڪ ۾ ويندا ئي. بچي نه سگهندا.

ڪرڻي. ٽپاليءَ جي گهڙي به نڪل نٿي ٿو ته لوٽو ڀڙي
ڀيڙن ڏيڻ لاءِ ٿوروئي آهي!

ڀڳوان ماڻهوءَ شرير ڏنو آهي. هن ماڻهوءَ شرير ۾ وواڪ ڏنو اٿائين؟ وواڪ ڏنو اٿائين، وقت جي سمت استعمال ڪرڻ لاءِ، نڪي اجايو گهمڻ لاءِ يا سينما ڏسڻ لاءِ يا ناس چوڙ ڪرڻ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ، ماڻهوءَ شرير شيءِ کان سرشٽ آهي، ماڻهوءَ جيون جو وقت سرشٽ کان سرشٽ استعمال ڪرڻ لاءِ آهي. اُن وقت کي برباد ڪرڻ وڏو نقصان آهي. رپيا وري ڪڏ ڪري سگهو ٿا. جوان پُٽ مري وڃي ته نيا جوان ٿي سگهن ٿا، گرهستين کي نوان پيدا ٿي سگهن ٿا پر عمر کٽهن ته طرح پيدا ٿي نٿي سگهي. آها ته ناس ٿي نٿي ٿي. اٿين ٿي اُن کي برباد ڪريو ٿا! پيسن جي خرچ ڪرڻ وقت خيال رکو ٿا. سوچي سمجهي هڪ پيسو خرچ ڪريو ٿا پر وقت اٿين ٿي برباد ڪري ڇڏيو ٿا!

هوائي جهاز ڏسڻ ۾ وقت لڳائي ڇڏيوَ. ڪهڙو فائدو ٿيو؟ ذرا سوچيو، ڇا اُن مان صحت سڌري؟ سماج سڌريو؟ پيسا مليا؟ ڀڳوان مليو؟ عمر روڃي آمله ڏين، جيڪو توهان کي مليو آهي، اُن کي برباد ڇو ٿا ڪريو؟ خبردار رهو. جيڪڏهن توهان وقت برباد نه ڪندا، سٺي ۽ سٺي ڪم ۾ لڳائيندا ته توهان جي دنيوي ۽ پرلوڪ جي اُنتي ٿيندي. اِنهيءَ ۾ مون کي شڪ ناهي. توهان ڪٿهن ته ڪٽر ۾ وڃو، توهان جي اُنتي ٿيندي.

(٣) اِنهيءَ ڳالهه کي خيال ۾ رکو ته ٻين جو حق نه اچي وڃي. ٻئي جو حق ڪڍڻ يا اچڻ نه ڏيڻ. بلڪل ذري مالو يا ٻئي جو حق اچڻ نه ڪجي، توهان جو حق ٻاڻي ڪو ڪڍي هليو وڃي، انهيءَ ڳالهه جي تمام وڏي خبرداري رکو.

(٤) پنهنجي شخصي جيون لاءِ گهٽ ۾ گهٽ خرچ ڪريو، شرير جي گذر لاءِ، کاڌي پيئڻ لاءِ، پهرڻ لاءِ معمولي طرح خرچ ڪريو. ڪم هلائڻو آهي. عيش آرام، سواد شوقيني ڪرڻي ڪانهي. جيڪڏهن توهان اهڙا ڪم ڪندا ته توهان کي گهاٽو رهندو ٿي. ڪري ڏسو.

وقت برباد نه ڪريو

اڄ ڪالهه ماڻهو چون ٿا ته ڇا ڪريون، بيڪار ويٺا آهيون، ڪم ڪونهي. اِها بلڪل اجائي ڳالهه آهي. نڪما ڇو ويٺا آهيو؟ نام جپ ڪريو. گيتا رامائڻ جو پاٺ ڪريو. ڪم ڪريو. گهر ۾ بهاري پايو، ٿانوَ صاف ڪريو. جُتا ٿي صاف ڪريو، نالين ٿي صفا ڪريو. ڪاڪوس صاف ڪريو، پاڻي وجهي صفا ڪريو- نرمل ڪريو. ڪجهه نه ڪجهه ڪندا ٿي رهو. ڪرڻ چاهيو ته گهڻوئي ڪم نڪري سگهي ٿو. سيوا جي ڪم ڪرڻ سان انتهڪرڻ نرمل ٿيندو. اجايو وقت برباد نه ڪريو. انساني شرير جو وقت برباد ڪرڻ لاءِ

ڪين ڇڏيندو. خبرداري ڪرڻ لاءِ ٻيو ٻولڻو ته اسان ڪٽي حق ماري رهيا آهيون. اڃا ته ٻيو ڪي ڪونه ٿو ٿئي.

چنتا نه ڪريو

هاڻي ٻيو وجهي ته جواب ايندو ته ”اسان ته ڪڏهن جو حق ونڊون ٿي ڪونه ٿا. اسان ته نيڪ هلون ٿا. اسان پاپ ڪريون ٿي ڪونه ٿا.“ اهڙا ماڻهو ملن ٿا، اهي چون ٿا ته ”ڀڄن ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اسان ته پاپ ڪريون ٿي ڪونه ٿا.“ اهڙا شخص مون سان مليا آهن، انهن چيو ته ”ڀڳوان جو ڀڄن اهو ڪري، جيڪو پاپ ڪري ٿو. اسان ته پاپ ڪريون ٿي ڪونه ٿا، تڏهن ڀڄن جي ڪهڙي ضرورت؟ کين خبر ٿي ڪانهي ته پاپ ڇا ٿيندو آهي، انياءُ ڇا ٿيندو آهي.

خبرداري ڪهڙي رکڻي آهي؟ خبرداري اها ته توهان هاڻي جيڪي چار ڳالهيون ٻڌيون، انهن مان هڪ به چوڪ ٿو. خبرداري اهائي ته هاڻي ٻاهر انهن جي پالنا ٿيندي. هاڻي اٿين ٿي ڪنداسين. غفلت ڪانه ڪنداسين. اهڙيءَ طرح ٻنهي ۾ خبردار رهو. مون چيو ته ٻڌسين جو، ٻڌارن جو سنبنڌ اڃا ٻا چٽن سان ڪونهي. انهن جو ڪرم سان سنبنڌ آهي. انهيءَ ڳالهه جي سمجهڻ جي سخت ضرورت آهي. توهان چئي سگهو ٿا ته اڇا

ناسڪ ۾ ناسڪ ماڻهو ته جيڪڏهن سوچي ويچاري، وقت جو استعمال ڪندو ته اُن جي ڏاڍا موجب ڪرڻا ٻچاندو ۽ اُن جي اُنتي ٿيندي. جيڪڏهن آسڪ منش انهيءَ طرح ويچار ڪري، وقت جو استعمال ڪندو ته ڪيس ڀڳوت پراپتي ٿي سگهي ٿي. خبرداريءَ جي ضرورت آهي. بي پرواهي ۽ غفلت ۾ وقت برباد ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري سستي نه ڪرڻ.

حق نه کسڻو

ٻئي جو حق هڙپ نه ڪرڻ. جيڪو شرير ٻنهي جو سڏجي ٿو، پاڻ سڏجي ٿو، اهو شرير ۽ توهان کان دور آهي، اُن کان سک وٺڻ ٿي سنسار جو حق وٺڻ آهي، انهيءَ ڪري سک نه وٺو. اهڙيءَ طرح پاڻ کان جدا جيترا ۽ ماڻهو آهن، ڪنهن جو به حق نه وٺو. پاڻ کان استري دور سڏجي ٿي. استريءَ جو جيڪو اڌڪار آهي، اُن جي پورائي ڪرڻو. اُن جو حق نه کسڻو. پٽ توهان کان دور آهي ته پٽ جو پالن پوشڻ، پڙهائي سڀني ۾ سٺو ڪرڻ. ماتا پتا جي پوري سيوا ڪرڻ. استريءَ ڏانهن فرض آهن. انهن جي پوري پالنا ڪرڻ. ڪنهن جو حق نه وٺو. حق نه کسڻو. پاڙيسري آهي، واپاري آهي، جن سان وهنوار واپار ڪريو ٿا، انهن جو حق اسان ۾ اچڻ نه کپي. ساڳين پريم ۽ ايمانداريءَ سان سڀ وهنوار ڪرڻو پوندو. ايتري ڪرڻ لئي ۽ قرض پورو نه چڪندو. انهن مان ڪابه آشا نه رکڻ سان ٿئون قرض

آئي نٿي سگهي. چنتا ته ٿي ٿي وڃي ٿي. تمام ٺيڪ. اهو جيون جو هڪ مسئلو آهي. اهڙا سوال مون کي تمام ستا لڳندا آهن، پوءِ مان جواب ڏيئي سگهان ٿو نه ڏيئي سگهان، اها ڳالهه الڳ آهي. نه ڏيئي سگهندس ته ڪتاب ڏسندس، چنتن ڪري پتا لڳائيندس. منهنجو به وڪاس ٿيندو، توهان جو به وڪاس ٿيندو.

اُدم ڪريو، پرشارٿ ڪريو. نڪما نه رهو. ڪتاب پڙهو. خود وچار ڪريو. ٻاهر وچارن جي ڏي وٺ ڪريو. ستسنگ جون ڳالهيون خبرداريءَ سان ٻڌڻ ۽ اُنهن موجب ڪم ڪرڻ ۽ جيون کي اوچو بڻائڻ گهرجي. رنڊڪون اچن، اُنهن کي دور ڪري، وري ڪوشش ڪريو. اهڙيءَ طرح ستسنگ مان لاڀ وٺو. هڪ وقت پرائي ستسنگ مان تمام جلد آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿي. ستسنگ جي مهانتا ڪيترائين بيان ڪجي!



چنتن بنا ڪيئن ڪم هلي سگهي ٿو؟ اسان کي نه واپار ڪرڻو آهي. ڪيترائي ڌنڌا آهن. ڪيترن ئي ڳالهين جو چنتن ڪرڻو پوي ٿو.

چنتن ڇو ڪرڻو پوي ٿو؟ چنتن ڪرڻ نه مورکتائي آهي. چنتن ڪرڻ سان ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟ فقط شڪتيءَ جو اجايو خرچ ٿيندو. ڪم ڪرڻو پوي ٿو. سيوا ڪرڻي پوي ٿي، اهو نه ٺيڪ آهي. چنتا اچي وڃي ٿي، اچي وڃي ٿي نه چنتا ڇڏيو، ڪم ڪريو. چنتا ڪرڻ سان ٻڌي ناس ٿئي ٿي. شانتيءَ سان ويچار ڪريو. ويچار ڪرڻ سان ٻڌي وڌي ٿي. چنتا ٻي چيز آهي، ويچار ٻي چيز آهي.

ڪم ڪهڙيءَ ريت ڪريون؟ ڪهڙيءَ طرح ڪٽنب جو پالڻ ڪريون؟ وهنوار ڪريون؟ واپار ڪريون؟ ڪهڙيءَ طرح سڀني سان پريم جو سنبنڌ رکون؟ انهن سڀني ڳالهين سان شانت چت سان ويچار ڪرڻ گهرجي. انهيءَ سان ٻڌي کلي ٿي. شڪتيءَ جي ويچار ڪرڻ بنا ڪم ڪرڻ کي "ناسمجهي ڪم" چيو ويو آهي.

هيترو وڏو ڪٽنب آهي. پيدائش آهي ئي ڪانه. هاءِ، ڇا ڪريون! اهڙيءَ طرح چنتا ڪري، دکي ٿيڻ سان ٻڌي ناس ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري ڪم ڪرڻ سان رنڊڪ پوندي. اهڙي خبرداري رکو، ويچار ته ڪريو پر چنتا بلڪل نه ڪريو.

هڪ ڀاءُ پڇيو ته هيڏو وڏو ڪٽنب آهي، پالنا ئي

ٿو سگهي. اهڙيءَ طرح سوارٿ وس ٿي، جيڪڏهن هر پراڻي پنهنجو سوارٿ سڌ ڪرڻ چاهي ته سنسار جو ڪم هلي نه سگهندو، ڇاڪاڻ ته سنسار جا انگ آهن سڀئي شرير.

شرير ڪنهن به نموني سنسار کان الڳ ثابت ٿي ٿو سگهي. بناوٽ جي درشٽيءَ کان، ڌاتوءَ جي درشٽيءَ کان، سنچالن جي نظر کان ڪنهن به نموني سان توهان ڏسو. جيئن هڪ شرير جي عضون جي شڪل، انهن جا ڪم الڳ الڳ هوندي به هڪ ئي شرير جا انگ آهن، تيئن سنسار ۾ جيترا به پراڻي آهن، اهي هڪ وراٽ شرير جا ئي انگ آهن. لهذا وڏا سڀئي پراڻي انها ئي انگ آهن. وراٽ شرير جا انگ ٿي، وراٽ شرير جي ڀلي ڪارڻ پنهنجو شخصي سوارٿ سڌ ڪريون ٿا، اها اسان غلطي ڪريون ٿا.

سڄو سنسار هڪ ڪٽنب

پسن پکين ۾ اهو وويڪ ڪونهي ته پنهنجو سوارٿ سڌ ڪن يا نه ڪن، پر ماڻهن کي ڀڳوان وويڪ ڏنو آهي. انهيءَ ڪري انهنکي اهو وچار اچي ٿو ته اسان پنهنجو ئي سوارٿ ڪيئن سڌ ڪريون؟ سوارٿ ۾ لڳل ماڻهو پنهنجي ڪٽنب جي پالڻ ۾ ئي لڳا رهن ٿا، پر اُدار چرتروان جي درشٽيءَ ۾ ته ساري دنيا ئي سندن ڪٽنب آهي. اها انسانيت آهي. ”هي پنهنجو آهي، هي پرائو آهي،“ اهڙو شمار ته نيچ وچار وارن

سيني جي شيوا ئي ڪرم يوگ

هڪ ئي شرير جا انيڪ عضوا آهن. هٿ آهن، پير آهن، مستڪ آهي. اهي مڙئي شرير جي گذر لاءِ ڪم ڪن ٿا. سڀني عضون جا ڪم الڳ الڳ آهن. هٿ جو ڪم ڏيڻ وٺڻ جو آهي. پيرن جو ڪم هلڻ جو آهي. اندرين جو ڪم به الڳ الڳ آهي. پراڻن جا ڪاريه الڳ الڳ آهن. من ٻڌيءَ جا ڪم الڳ الڳ آهن. جدا جدا ڪم ڪندي سڀئي عضوا سڀني جي ڀلي ۾ لڳل آهن. اهڙيءَ طرح انيڪ پراڻي سماج جي ڀلي لاءِ آهن. اُهي سڀني کي ملائي، ساري سنسار جي ڀلي ۾ لڳو رهڻ گهرجي.

سوارٿ ڇڏيون

جيئن اسان پنهنجي سوارٿ لاءِ ڪم ڪريون ٿا، اُتي ئي غلطي ٿئي ٿي. سمجهو ته جيڪڏهن هٿ صرف پنهنجي لاءِ ڪم ڪن، پير پنهنجي لاءِ ڪم ڪن، اکيون ڪن پنهنجي لاءِ ڪم ڪن ته اهڙيءَ حالت ۾ شرير جو گذارو نه ٿيندو. پر ڇون ته اسان پنهنجو ئي ڪم ڪندا سين، شرير کي ڪٽي ڪوله گهمندا سين. شرير کي اسان ڇو ڪٽيون؟ هٿن کي اسان ڇو ڪٽيون؟ اهڙيءَ طرح شرير جو ڪم هلي ٿو سگهي، عضون جو ڪم هلي

اهو ئي آهي ته اسان پنهنجو شخصي ڀلو لئي چاهڻ لڳا آهيون. اسان پنهنجي شخصيت جي حدن کي قائم رکڻ چاهيون ٿا. مڪتي چاهيون ٿا، منهنجي مڪتي ٿي وڃي، مون کي سک ملي، منهنجو ڀلو ٿئي، منهنجو سوارٿ سڌ ٿئي، اهڙو حيواني سڀاءُ رکي ٿي. اسان ڪم ڪريون ٿا، انهيءَ ڪري اسانجو جلد ئي اڌار نٿو ٿئي.

ڀڳوت گيتا ۾ چيل آهي- "منش ديوتائن جو واڌارو ڪري ۽ ديوتائون منش جو واڌارو ڪن." منش ديوتائن جي پوڄا ڪن ٿا، انهن جو آدر ڪن ٿا، انهن جو واڌارو ڪن ٿا. ديوتا ماڻهن کي فرض پالڻ جي گهربل سامگري ڏين ٿا، جن سان ماڻهو وري سندن پوڄا ڪري سگهن. ٽئين اڌياءَ جي ڏهين شلوڪ ۾ آيو آهي ته يگيه سميت پرجا پتيءَ پرجا پيدا ڪئي. "يگيه" جو ارٿ فرض ٿئي ٿو. انهي ماڻهن ۽ ديوتائن جي فرض جو بيان اچي ٿو. "يگيه جي رچنا" چئي ماڻهن ۽ ديوتائن کي فرض ۾ ٻڌائي ڇڏيو ويو. ماڻهن لاءِ فقط ديوتائن جو واڌارو ڪرڻ ڪرتوب آهي، اهو مطلب ڪونهي. ديوتا ته اُپ لکشڻ روپ سان آهن. منش لاءِ پراڻي ماتر جو ڀلو چاهڻ ئي فرض آهي. جن پراڻين سان اُنجو سنبنڌ آهي، اُنهن ڏانهن فرض پالڻ ۽ بدلي ۾ پنهنجي لاءِ ڪجهه نه چاهڻ. اهڙيءَ طرح فرض پالڻ سان اُنکي فرض جي سامگري ازخود ديوتائن کان ۽

پُرشن جو ئي ٿيندو آهي. جهڙي هردي جون ڀاونائون ٿين آهن، جهڙي سوارٿ ۾ لڳل آهن، اُنهن ماڻهن جي اهڙي ڀاونا ٿئي ٿي. اُدار ڀاونا وارن پرشن لاءِ ته سارو سنسار ئي ڪٽنب آهي. اُنهن جي نظر ۾ ڪوبه پرائي چاهي اسٿاور هجي يا جنگم (چل هجي يا اچل) اُهو پنهنجي ئي ڪٽنب جو آهي. جيئن پنهنجي گهر ۾ رهڻ وارا ڪٽنبي ڀائي، پنهنجا ڪٽنبي آهن.

شاسترن ۾ آيو آهي ته گهر ۾ رهندڙ ڪرليون، مڪوڙن، ڪوئا، سڀئي اسانجا ڪٽنبي آهن. اُهي ته اُنکي پنهنجو گهر سمجهن ٿا. جهرڪيون جتي پنهنجو آکيرو ٺاهن ٿيون، اُتي اُهي اُن ڪٽنبن کي رهڻ ٿيون ڏين. سوچيو ته هڪ گهر ۾ ڪيترا گهر آهن. سڀني کي پنهنجو پنهنجو گهر آهي. پنهنجو پنهنجو گهر سمجهڻ ڪم ڪرڻ، اها حيوانيت آهي. ڀاڳوت ۾ آيو آهي ته انهيءَ پشون - بُڌيءَ کي ڇڏي ڏيو. "مان - منهنجو" مڃڻ ئي پشون بُڌي آهي. اهنتا - ممتا ڪرڻ انساني بُڌي ڪانهي.

سڀ جي ڀلي ۾ پنهنجو ڀلو

انساني بُڌيءَ ۾ سڀ جي ڀلي ۾ پنهنجو ڀلو آهي. اُن ۾ پنهنجو شخصي ڀلو اٿو ٿئي. سڀني جو ڀلو ئي پنهنجو ڀلو آهي. اڄ انسان ماڻهن جي اڌياتمڪ (روحاني) اُنتيءَ ۾ دير ٿي رهي آهي، اُنجو ڪارڻ ڇا آهي؟

شيوا نہ ڪريو. ڀڳوان شري ڪرشن کي فقط ڀڳتيءَ سان ڀوڳ
لاءِ ئي نہ سمجهو.

گوسوامي تلسيداس بہ چوي ٿو:-

اِهي اِن ڪر ڦل وشيہ نہ ڀائي.

هن مدش شرير جو لڪشيہ وشيہ ڀوڳ ڪواهي، سنسار جو سک وٺڻ ڪواهي، مگر سچي جي شيوا ڪرڻي آهي. سچي کي سک ڪنهن ڀيڄي، اِهيءَ ڳالهہ جو چنتن ڪريو، اهو ئي ويچار ڪريو. گيتا جي ٽئين اڌياءِ جي ٻارهين شلوڪ ۾ اهو چيو ويو آهي تہ ديوتا لوڪ ماڻهن کي ”اشٽ ڀوڳ“ ڏيندا. اشٽ ڀوڳ جو ارٿ اڪثر ٽيڪاڪار چاهيل پدارٿ ٿي ڪندا آهن پر هتي هن پرڪرڻ ۾ اڳتي ۽ پوئتي پرم شريہ جي ڳالهہ آهي. ڏهين شلوڪ ۾ چيو ويو آهي تہ ”يگيہ لاءِ جيڪي ڪرم ڪيا وڃن ٿا، اُهي ڪالسواہ ٻيا ڪرم ٻڌڻ وارا آهن.“ مطلب آهي تہ يگيہ لاءِ ڪرم ڪيو وڃي تہ مڪتي ڏيندي نہ تہ ٻڌن. ٻارهين شلوڪ ۾ پرم ڪلياڻ جي پراپتيءَ جي ڳالهہ چئي وئي آهي. تيرهين شلوڪ ۾ چيو ويو آهي تہ ”يگيہ مان بچيل اَن کائيندڙ سچي پاپن کان آزاد ٿين ٿا يعني ڪلياڻ کي پراپت ٿين ٿا.“ اِهيءَ ڪري اُتي پرم ڪلياڻ جي پراپتيءَ جو پرڪرڻ آهي، اُتي ديوتا لوڪ چاهيل ڀوڳ ماڻهن کي ڏيندا، اِها ڳالهہ چوڻ پرسنگ سان ٺهڪندڙ معلوم نٿي ٿئي.

اِهيءَ ڪري هتي “इष्टान् भोगान्” لفظن جو ارٿ

ٻين پراڻين کان ملندي رهندي. انهيءَ مان سمجهڻ گهرجي ته هرهڪ منش پنهنجي ڪرم دوارا سڀني پراڻين جي سيوا ڪري.

ڀڳوان (١٨-٤٦) ۾ چيو آهي ته پنهنجي پنهنجي ڪرمن سان ڀڳوان جي پوڄا ڪري، منش پنهنجو اڌار ڪري وٺي ٿو.

پنهنجن ڪرمن دوارا سمپورڻ پراڻين جي روپ ۾ ڀڳوان جو پوڄن ڪري سڌيءَ کي پراپت ڪريو. هت پنهنجن ڪرمن ذريعي شرير جي سڀني انگن جي سيوا ڪري. مک پنهنجن ڪرمن دوارا سڀني جي سيوا ڪري. پيٽ ۾ اَن وڃي ته اُنکي نيٺ ناڙين ناڙين پهچائي سيوا ڪري. اهڙيءَ طرح پنهنجي سوارٿ جي ڀاونا نه رکي، سڀني جي سيوا ڪئي وڃي ته ڪلياڻ جي پراپتي ٿي وڃي.

پرم شريه جي پراپتيءَ ۾ وگهن وجهندڙ آهي پنهنجي سوارٿ جي ڀاونا. اسان ۾ ڪٽنب جي - شخصي سوارٿ ڀاونا آهي، پنهنجي جاتيءَ جي، ديش جي سوارٿ ڀاونا آهي، اهائي گهٽتائي آهي. اُدارتا جا ڀاوَ جيترا وڌيڪ هوندا، اوترو ئي سٺو ٿيندو. نيچ ڀاوَ جيترا ايندا ويندا يعني پنهنجي شرير لاءِ محدود سوارٿ ڀاوُ رهندو، اوترو ئي نيچ رهندو. پاڻ وٽ جيڪي شيون آهن، اهي سڀني جون آهن ؟ سڀني جي سيوا لاءِ آهن. پنهنجو گذر ڪريو ؟ سڀني جي

سوارٿ جي ڀاونا ڪرڻ نه سرشٽيءَ جو ڪم ٺيڪ طرح سان هلي نه سگهندو. سوارٿ جو تياڳ ڪري ڪرتويه ڪرم ڪرڻ سان ئي سرشٽي - چڪر ٺيڪ ڍنگ سان هلندو. الهيءَ ڪري ڀڳوت گيتا (٣-١٦) ۾ ڪرتويه پالن نه ڪندڙ کي ڏاڍي ڦٽڪار وڌي آهي. ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي فرض جو پالن ڪري ته مڪتي ازخود ملي آهي. ڪرتويه جو سنبنڌ فقط پراپڪار ۾ ئي ٿيندو آهي. پنهنجي لاءِ چاهڻ ۽ ڪرڻ ڀوڳ آهي، ڪرتويه نه آهي.

وٺڻ کان وڌيڪ ڏيڻ ضروري

انسان پنهنجي ڪرتويه جو پوريءَ طرح پالن نه ڪري ٻنڌن ۾ پوي ٿو، نه ته مڪتي ازخود ملي آهي. انسان وٽ جيڪي ڪجهه آهي، اهو سڀ سنسار کان ئي اسانکي مليو آهي. اَن آهي، جل آهي، وستر آهي، هوا آهي، پاڻي آهي، رهڻ جو استان آهي. اسانکي سڀ سمشٽي (مڪمل) سنسار مان مليو آهي. ساهوڪار ۾ ساهوڪار راجا مهاراجا به اهو نٿو چئي سگهي ته مان ٻين کان سيوا وٺڻ بنا پنهنجو گذر ڪري سگهان ٿو. اڪيلو پنهنجو گذر ڪوبه نٿو ڪري سگهي. سڙڪ تي هلي ٿو ته ڇا اها سڙڪ سندس ٺاهيل آهي؟ وڻ جي هيٺان ماڻهو آرام ڪري ٿو ته ڇا اهو وڻ اُن جو ئي لڳايل آهي؟ ڪٿي پاڻي پيئي ٿو ته ڇا کوهه اُهيءَ کوٽايو آهي؟ سنسار کان وٺي ئي پوي ٿو. پنهنجي

"ٻچن جي سامگري" وٺڻ گهرجي. भुज् ڌاتوءَ جو هڪ ارٿ "پالڻ" ٿئي ٿو. هڪ ارٿ "کائڻ" ٿئي ٿو. ڀوڳڻ لفظ ٻنهي ارٿن ۾ ٿيي ٿو. انهيءَ ڪري جنهن ڪلياڻ جي ڳالهہ هلي رهي هجي، اُتي سڀني جي رکشا جا ضروري پدارٿ ٻنهي "ٻچن جي سامگري" ارٿ وٺڻ ئي ڪارگر معلوم ٿئي ٿو. ڀڳوان ٻارهين شلوڪ ۾ پد ڏنئي، भुञ्जते اها ڳالهہ ٻڌائي آهي تہ سڀني لاءِ ڏنل سامگريءَ کي جيڪو اڪيلو کائي وڃي ٿو، اهو چور آهي. جيڪڏهن ڀوڳ، مڙس لاءِ ڏنل هجي ۽ اهو اُنکي کائي تہ اُنکي چور چوڻ ٺيڪ ناهي. انهيءَ ڪري مڙس کي جيڪا بہ سامگري ملي آهي، اُها اڪيلي ڀوڳڻ جو اهو اڌڪاري ڪونهي. اُها سڀني جي سيوا ۾ لڳائڻ لاءِ ئي ملي آهي.

فرض ادائي ضروري

ڪنهنجي گهر ۾ جيڪڏهن ٻئو ڪمائيندڙ شخص چوي تہ "مان ئي ڪمايان ٿو، مان اڪيلو ئي کائيندس" تہ ڇا اها ڳالهہ انصاف پٽاندر ٿيندي؟ استريءَ کي چوي تہ "تون گهر ۾ ويٺي رهين ٿي، توکي ڇو ڪمائيءَ جو حصو ڏنو وڃي؟ ماءُ پيءُ بہ گهر ۾ ويٺا رهن ٿا، اُنهنکي بہ ڇو ڏنو وڃي؟ مون محنت ڪئي آهي، مون ڪمايو آهي، مان اڪيلو ئي ڀوڳ ڪندس." اهڙيءَ حالت ۾ ڇا پريوار سٺيءَ طرح هلي سگهندو؟ نہ، ڪڏهن بہ نہ. انهن ئي اسان پنهنجي پنهنجي

ڪري، ٻين جي ڀلي ۾ جيترو زيادهہ خرچ ڪندو، اهو اوترو اوچو ليکبو ويندو. پنهنجو شخصي سوارٿ ڇڏي، ڪٽنب جي شيوا ڪندو، اوترو ئي سٺو مڃيو ويندو. ڪٽنب کان سواءِ پاڙيسرين جي شيوا ڪندو ته اهو هيڪاري وڌيڪ اوچو ٿيندو. پاڙيسرين جو ئي نه، سڄي ڳوٺ وارن جو ڀلو ڪندو ته، اهو وڌيڪ اوچو ٿيندو. فقط ڳوٺ جو نه، راڄ جو ڀلو ڪندو ته اهو اڃا به اوچو ٿيندو. اهڙيءَ طرح راڄن جو ئي نه، ساري ديش جو، ساريءَ دنيا جو ڀلو ڪندڙ سڀني کان سرينشٽ مڃيو ويندو. ماڻهن جو ئي نه ديوتا، پسوُن پکي، وڻ، سڀني جيون جي شيوا ڪندو ته، اهو هيڪاري وڌيڪ سرينشٽ ٿيندو. ڀڳوان جي شيوا ڪري ته سڀ کان سرينشٽ ٿيندو. جيئن وڻ جي پاڙ ۾ پاڻي ڏيڻ سان سڄو وڻ سائو ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح سان ڀڳوان جو چنتن ڪري، ڀڳوان جو پوڄن ڪري، انهيءَ سان سڄيءَ دنيا جي شيوا ازخود ٿئي ٿي.

اصوُل اهو ٿيو ته جيتري وڌيڪ شيوا هوندي، اوترو ئي شيوا ڪندڙ سرينشٽ ڄاڻبو ويندو. اسان کي جيڪي ڪجهه مليو آهي، اهو سرشٽيءَ کان مليو آهي. انهيءَ ڪري اهو ايمانداريءَ سان سرشٽيءَ جي شيوا ۾ لڳائڻ ئي اسانجو ڌرم ڪرتويه آهي، اهوئي گيتا جو ڪرم يوگ آهي.

گذر لاءِ اسانکي سڀني کان سيوا وٺڻي ٿي پوي ٿي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن حقيقت ۾ اسان ماڻهو آهيون ته اسان جيترو ورتو آهي، اوترو وري اسانکي ڏيڻ گهرجي. سڀني جي ڀلي لاءِ اسانکي ڪم ڪرڻ گهرجي. جڏهن اسان پڻ جي اڌارن کي چڪائيندڙن ٿا ته اسانکي به پڻ لاءِ اڌار ڏيڻ کپي. سڀني جي ڀلي ۾ چاهنا رکڻ سان ڀڳوت پراپتي ٿي وڃي ٿي.

ते प्राप्नुवन्ति मामेव सर्वं भूत हिते रताः। (१२-४)

يعني "سڀني جي هت - ڀلي ۾ لڳل موکي کي پراپت ڪن ٿا." انهيءَ ڪري اسانکي سڀني جي ڀلي جي ڀاونا سان ئي ڪرم ڪرڻ گهرجن.

سڄو سنسار ملي، هڪ ماڻهوءَ جي اڇا جي پوراڻي ڪري، اهو ممڪن ڪونهي. پر هڪ ماڻهو سڄي سنسار جي ڀلي جي ڀاونا پوري ڪري سگهي ٿو. اسان ڀلي ڪٿي هڪ ماڻهوءَ جي اڇا جي پوراڻي نه ڪري سگهون، پر ڀاڻ وٽ جيڪا سامگري آهي، اها اڌارن سان پڻ جي ڀلي ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيون ته اسانکي ڪلياڻ جي پراپتي ٿي ويندي.

سريشٽ ڪم؟

انسان جيترن گهٽ ماڻهن جي سک جو، ڀلي جو ڀاؤ رکندو، اوترو ئي ايترو سمجهيو ويندو. ڪمائيندڙ جيڪڏهن فقط پنهنجو پيٽ ڀريندو يا ڀاڻ زيادهه خرچ ڪندو ته گهر ۾ آدر نه پائيندو. پنهنجي سک جو تياڳ

پرماتما اڳيئي مليل

پرماتما جي پراپتي فقط اڃا سان ئي ٿي وڃي، فقط اڃا تيز سان آدم ازخود ٿي وڃي ٿو. پر پرماتما آدم جي اڏڻ ڪري. پرماتما - لاءِ ڪوشش سان ڪونه ملندو. اهو ڪم مان ٿيندڙ ڦل ڪونهي. ڪم مان جيڪو ڦل ٿئي ٿو، اهو ناشوان ٿئي ٿو. جنهن جي اُتپتي ٿئي ٿي، اُنجو ناش ضرور ٿئي ٿو. ساڌن سان جيڪو ملندو، اهو اُتپتيءَ وارو ٿيندو. اُتپتيءَ وارو جيڪو هوندو، اهو مٽبو ئي. پرماتما نه پيدا ٿيندڙ لاءِ آهي، اهو ڪرم سان ملڻ وارو، اُتپتي ۽ ناس ٿيڻ وارو ڦل ڪونهي. آهي ۽ جيئن جو تيئن آهي. فقط اُن جي اڃا هجي، بي اڃا نه هجي. "ايڪ بات ڪروڙ ناٿان جي، سو پڪ چاڪي گنٿي نه آن ڪي." فقط اڪلاڪا سان ئي پرماتما ملي ويندو.

اٽڪ ڪهڙي ؟

ورتي اُٿي طرف تيز سان ئي اٽڪ پوي ٿي. اها ڪا اٽڪ آهي ئي ڪانه. ڏير آهي ئي ڪانه. دوري آهي ئي ڪانه. اُٿي جي اڃا هڻڻ سان ئي سنسار جو سنبنڌ آهي. پئي جي اڃا مٽي ته سنسار جو سنبنڌ ٽٽو. جيئن ئي سنسار جو سنبنڌ ٽٽو، تيئن ئي پرماتما ملي ويو. اهو اڳ ئي مليل آهي. پئي جي چاهنا آهي، اڃا آهي، واسنا آهي، اُنهيءَ سنسار سان سنبنڌ جوڙي

پرماتما سان هڪدم ڪيئن ملون؟

"اسانجو اڌار ٿئي." بس ائين هڪ اڀلاکا رهي ته هوند هڪدم اڌار ٿي وڃي. هڪ ڳالهه توهان ڌيان ڏيئي ٻڌو. سنسار جو ڪم جيئن ڪرڻ سان ٿئي ٿو، اهڙيءَ طرح اسان سمجهون ٿا ته پرماتما جي پراپتي به اُدم ڪرڻ سان ٿيندي. پر ڀڳوت پراپتيءَ ۾ اِها ڳالهه ڪانهي، ڪانهي، ڪانهي. پرماتما هر ديش ۾، هر ڪال ۾، ۽ سڀني وستن ۾ آهي، سڀني شخصن ۾ آهي ته اُنهيءَ تتو جي پراپتيءَ لاءِ ته فقط اندر جي اڀلاکا ئي گهرجي، ڇاڪاڻ ته پرماتم تتو جو نرماڻ ڪرڻو ڪونهي. اُنکي نئون ٺاهڻو ڪونهي، اُنکي بدلائڻو ڪونهي. اُهو آهي ۽ جيئن جو تيئن آهي. هر جڳهه، سڀ ۾ آهي. جتي توهان چئو ٿا ته مان آهيان، اُتي به پرماتما پوري جو پورو آهي. اِنهيءَ ڪري فقط اِڇا سان پرماتما ملي ويندو. سنسار جي ڪا به وستو فقط اڀلاکا سان نٿي ملي. اڀلاکا ٿيندي، اُدم ڪنداسين ۽ ڀاڳيه ۾ هوندو ته اُنهيءَ جو سنجوڳ ٿيندو ته ملندي. پئسا گهرجن ته پئسن جي اِڇا هجي ۽ پئسن لاءِ پرشارٿ ڪيو وڃي ۽ پرارٻڌ جو سنجوڳ ٿئي. پئسا ملڻا هوندا ته ملندا، اُدم ڪريو، خوب ڪوشش ڪريو، نه ملڻا هوندا ته ڪونه ملندا.

ٻه ڪم نه ڪيو اٿس. جيڪا نه هُئس، اُها ڪيائين ته پنهنجا ”ٻه“ ئي رهجي ويندي. جيڪو هر هنڌ موجود آهي، اُنکي پراپت ڪرڻ نه ٻهاڙيءَ جو ڪم آهي. اهو ”آهي“ نه آهي ئي رهندو. اهو ڪڏهن ”نه“ ٿي ئي نٿو سگهي.

توهان سنسار کان الڳ،

توهان جي ٻهڪ هُن سنسار ۾ آهي ئي ڪانه. توهان جي ٻهڪ نه اٽل آهي ۽ سنسار توهانجي اڳيان بدلجي ٿو. توهان جي ٻهڪ سنسار ۾ ڪٿي آهي؟ ٻالپڻ بدلي، جواني بدلي، ٻُڍاپي بدلي، بيماري بدلي، شاهوڪاري بدلي، غريبي بدلي. اهي سڀئي بدلبا رهيا، توهان اُهي ئي رهيا. توهان جا اُهي ئي آهن. توهان جي استتي سنسار ۾ آهي ئي ڪانه. سنسار توهان سان گڏ رهي ئي نٿو سگهي، توهان سنسار سان گڏ رهي ئي نٿا سگهو. ڪڏهن به ڪنهن جي طاقت ڪانهي، پرما جي به طاقت ڪانهي، جو سنسار سان رهي. سنسار اُن سان رهي، اهين ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي. توهانجي سنسار ۾ استتي ڪانهي. شاهوڪاريءَ سان غريبي ڪيئن رهندي؟ تندرستيءَ سان بيماري ڪيئن رهندي؟ ٻال اوستا سان گڏ جواني ڪيئن رهندي؟ توهان آهيو بنا بدلجندڙ ۽ سنسار آهي بدلجندڙ. بدلجڻ واري سان توهان نه بدلجندڙ

رکيو آهي. سنسار جي سنبنڌ جُڙي رهڻ ڪري پرماتما
تنهن جو انڀو نه ٿي رهيو آهي. سنسار جي اِڇا ڪري،
اُدم ڪري ڪجهه حاصل ڪري نه سگهندا.

جيڪي ملندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اهو سڀ ختم ٿي
ويندو. حقيقت ۾ ڪجهه ملندو ڪونه، فقط ملندو
ڏوکو. پرماتما کان اوهان محروم رهجي ويندا. انهن
سواءِ ڪجهه لاڀ ڪونهي. سنسار جي چاهنا سان ڪجهه
ٿئي ڪونه ٿو. فقط ڏوکو ٿي ويندو. وقت اجايو ويندو.
اجايو منش چولو هليو ويندو ۽ ڪجهه نه ملندو. جن
شين جو اپاءُ آهي، انهنجي منش جي من ۾ ڏاڍي ڀاري
اِڇا رهي ٿي. اهو اُصول اُبتو رکيو اٿئون. سنساري
ترقي لئي اُلٽ آهي، جيڪا مهان دوش جي ڳالهه آهي.
جيڪا ڀوڳ هيٺ لاهي، اها استتي (ابوڳ) ٿي
وڃي ته سمجهنداسين ته اسان ڏاڍي ترقي ڪئي آهي.
هاڻي ڏن لاهي، ڏن ٿي ويو ته گويا وڏو ڪم ڪيوسين.
ماڻهو چوندا- هاڻو صاحب، رواجي ماڻهو هو، لکاپتي
ٿي ويو، ڪروڙپتي ٿي ويو. تمام ڀاري ڪم ڪيائين!
هيءُ مورکه هو، جو پنڊت ٿي ويو. انهايت وڏو ڪم
ڪيائين. هنکي ڪو ڄاڻندو به ڪونه هو. سنسار ۾
ڏاڍي مشهوري ٿي ويس. وڏو ڪم ڪيائين! هنجو
ڪوبه آدر ڪونه ڪندو هو. سڀئي ڌڪاريندا هئس
هاڻي اچي عزت ٿي وئي ته هن وڏو ڪم ڪري
ورتو! ڪجهه به نه ڪيو اٿس، ٿوريءَ خاڪ جيترو

اڇائن جو ٿيڻ.

اڇا ڪرڻي پوي ٿي يا خود بخود سڌ آهي؟ پرماتما جي اڇا خود بخود سڌ آهي پر انهيءَ جاڳرتيءَ لاءِ ٻين اڇائن کي ڇڏڻو پوي ٿو. توهان ٻين اڇائن کي پڪڙيو آهي، انهيءَ ڪري توهان کي ٿي ڇڏڻو آهي. هڪ ڀڳوت پراپتيءَ جو مقصد هئڻ سان ۽ ٻين اڇائن کي ڇڏڻ سان ڀڳوان جي اڇا از خود ظاهر ٿي ويندي. هاڻي جن اڇائن کان واقف آهيو، انهن کي ڇڏڻو آهي. اڄ جيڪا توهان جي اڇا آهي، ٥٠ ورهيه اڳ انڪان واقف هئا ڇا؟ نڪي جاڻندا ٿي ڪونه هئا. فقط ٻڌاوني آهي. ڪاٿ اڇا نڪي ڪاٿ ٿي، پدلجندي رهي ٿي. ڪاڻ اڇا هڪ روپ ۾ نڪي ٿي ڪانه ٿي. سنسار جي ڪاٿ اڇا ڪڏهن به نڪي ڪانه ٿي. اڇائون مٽجنديون رهن ٿيون، توهان ٿيون ٿيون پڪڙيندا رهو ٿا.

انهيءَ اڇا رهندي پڻ سمرڻ ڪري سگهجي ٿو، ادم ڪري سگهجي ٿو. اهو لمبو رستو آهي، يڪدم ڀڳوت پراپتي ڪانه ٿيندي. سوال هو ته هاڻي جو هاڻي جلد ڀڳوت پراپتي ڪيئن ٿئي؟ انهيءَ رستي سان جلد نه ٿيندي، اهو رستو لمبو آهي. هڪ ٻه جنم، ڏهه جنم، خبر ناهي ته ڪيترا جنم ٿي وڃن. ڇو ته نه اهڙي انڌ، اڇا پيدا ٿي ڀڳوت پراپتي ٿي سگهي ٿي

ڪيئن رهي سگهو ٿا؟ جيڪڏهن سنسار ۾ اسٿتي رهندي ته سنسار بدلجندو ڪيئن؟ مان ٻالڪ هوس، مان ئي جوان آهيان، مان ئي ٻڍو ٿي ويس. توهانجي اسٿتي سنسار ۾ ڪٿي رهي ٿي؟ توهان جي اسٿتي شرير ۽ سنسار ۾ ڪاله ٿي رهي، ڪاله ٿي رهي. توهانجي اسٿتي سدائين پرماتما ۾ آهي.

پرماتما جي اسٿتي سدائين توهان ۾ آهي. اِڪري جيڪو لکيو، لرائي توهان ۾ اسٿت آهي. الهيءَ پرماتما جي پراپتي مشڪل آهي؟ مشڪل ته تڏهن ٿئي، جڏهن پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻو پري. ڪرڻو ڪجهه آهي، ئي ڪونه. الهيءَ ڪري مشڪلات ۽ آسانيءَ جو سوال ئي ڪونهي. ڇو ته اها ڳالهه ٺيڪ لڳي ٿي. جيڪڏهن ٺيڪ لڳي ٿي ته دير ڪير ٿو ڪري؟ توهان خود ئي ولمب ڪري ڪئي آهي. توهان ماڻهن کي پرواهه ڪانهي، اڇو ته ٺيڪ، نه اڇو ته ٺيڪ. فقط اِها اِڇا ٿئي ته پرماتما جي پراپتي ڪيئن ٿئي؟ ڇا ڪريان؟ ڪيڏانهن وڃان؟ ڪنهڪان ڇڏان؟ ڪيئن پرماتما جي پراپتي ٿئي؟ اِها اِڇا زوردار ٿي ته پرماتما جي پراپتي ٿي، ڇاڪاڻ ته اِها اِڇا ٿيندي ئي، ٻي اِڇا ڇڏي وڃي ٿي. جيستائين ٻيون اِڇائون رهن ٿيون، تيستائين اِڇا اڌوري (هڪ ۾ لڳن) لڳي ٿي. اڌوري تتو جي پراپتيءَ لاءِ گهٽ ۾ اڌوري اِڇا ٿئي، اُنجي برابر ڪا چيز ئي ڪانهي.

ٻڌايائين ته مون غلطي ڪئي. راڄ جي چاهنا رکڻ ته
رکڻو هئو. جڏهن جن چاهنائن کي پورو ڪرڻ چاهيو
ته، انهن چاهنائن جو ٻڌاءُ ٿيندو ۽ رکڻو پوندو. ٻارڙن
لئه جي پرائيءَ جي اپلاڪا ۾ اِهي اپلاڪا رانديڪ وڃهندڙ
آهي، انڪاري واري آهي؟ اهو ڪو فائدو ڪندڙ
ڪالهي. انهيءَ ڪان لوڪ پرلوڪ ۾ ڪو فائدو ڪونهي.
آهي فقط نقصان پهچائيندڙ آهن، اهو ڪجهه نه. اهي اڇا
اڻ پالڻ مارڪ ۾ انڪ آهي، اهو ڪو لاڀ ڪونهي.
جڏهن ڪو هجي ته ڪوئي پڌائي ته فلاڻيءَ اڇا ۾
هيترو فائدو ٿيندو. اُن ۾ ڪورو نقصان آهي. فقط
نقصان جي ڳالهه ته ڇا چڱي سکون ته ڇا چڱي ته
سکون؟ سڪ جي اڇا ئي رانديڪ وڃهندڙ آهي. سڪ
اپترو رانديڪ وڃهندڙ ڪونهي.

سوَلو اُپاءُ

سڪ جي اپلاڪا مان ۾ آهي، اهائي خاص رانديڪ آهي.
اصلي بيماري ڪئي آهي - اسان کي ته انهيءَ ڳالهه جو
سالن تائين پتو ئي نه لڳو هو. وياڪيان ڏيندي، پروچن
ڪندي، سالن جا سال گذري ويا، تڏهن پتو پيو ته
بيماري هتي آهي. اسان کي سڪ ملي وڃي، اها اڇا
ئي پرماتما جي انهي اڇا هئڻ ۾ رانديڪ آهي. اهائي
انرٿ جو مول آهي. اهو زهر جو ٻج آهي. انڪاسواءِ
ڪا انڪ هجي ته پڌايو. توهان ته سمسڪ ڪريو ته،
سمڪ پڙهو ته. مونکي ته وڌهن ڪانهو اها ڳالهه ملي.

چا؟ ائين نه ٿيندي. معمولي اچا هوندي به وقت گهڻو لڳندو. ٿوري اهلڪا آهي، انهيءَ ڪري اسان اڪي پيا آهيون. نه نه اڪون ها چا؟ جيڪي ٻاهر سنسارڪ ۾ لڳل آهن، انهن ۾ ڪجهه نه ڪجهه پرمارٿ جي اهلڪا آهي ٿي. حقيقت ۾ گهريءَ درشٽيءَ کان ڏٺو وڃي ته تنهن سان پرمارٿ جي اهلڪا کان سواءِ ڪوبه پراڻي آهي ٿي ڪاهي. پر پسن پکين کي خبر ناهي ۽ اسان جيڪي به پسن پکين وانگر ٿي زندگي گذاري رهيا آهن، انهن کي به خبر ڪاهي پر انهيءَ تنهن کي چاهين ته سڀ ٿا. ڪوبه جيو جنتو مرڻ چاهي ٿو چا؟ پر پرماتما تنهن لاءِ امر رهي ٿو. شرير امر ڪيئن رهندو؟ ڪوبه اگياني رهڻ چاهي ٿو چا؟ سڀئي ڄاڻڻ چاهين ٿا. ڪوئي دکي رهڻ چاهي ٿو چا؟ سڀئي سکي رهڻ چاهين ٿا. انهيءَ ڪري ست رهڻ معني سدائين رهڻ، چت معني ڄاڻڻ ۽ آنند معني لت سکي. انهيءَ ڪري ست چت آنند جي چاهنا ٿي نه سڀئي جي سڀاويڪ چاهنا آهي. انهيءَ چاهنا کي ڪو مٽائي سگهي ٿو چا؟ پيون چاهنائون جيترو ئون جيترون زياده پکڙي رکندا، اوتري اوتري دير لڳندي. انهن کي جيترو جلد ڇڏي ڏيندا، اوترو جلد تنهن جي اپلوڌي ٿيندي. ڪامنائون بلڪل مٽائي ڇڏبو ته يڪدم پرڀوت پراپتي ٿيندو.

ڌر ۾ کي دير لڳي پر ملڻ ٿي ته خوش نه ٿيو، پڪ

سمورِي ڀلائي ڀرِي آهي. اهو سڀ مهربان ذات آهي، ۽ پيار ڪندڙ آهي. اهو اسان کان فقط محروم رهڻ جو اُپاءُ آهي، پر ڪو آڻو ايندڙ گواهي. ايشور ۽ ڪڏهن اهڙو نه سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي طرف اچڻ ۾ رنڊڪ وجهي؟ اسان جو ڪجهه ڪرم اسان لاءِ رنڊڪ آڻي، اسان جي خيال واسنا اسان لاءِ رنڊڪ وجهي ته اسان اُن کي مٽائي سگهون ٿا، ڇاڪاڻ ته اسان خود ڪرم ڪيا آهن. اسان پاڻ واسنا پيدا ڪئي آهي. اسان جيڪي رنڊڪون پيدا ڪيون، اُنهن کي اسان ئي مٽائي سگهون ٿا. گرو نه ملي ته گروءَ جي ضرورت ئي ڪانهي. مهاتمائون نه ملن ته مهاتما جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڀڳوان جڏهن پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ منش-شرير ڏنو آهي ته سامگري گهٽ ڏني آهي ڇا؟ وڌيڪ روحي ايڏي مهان ملڪيت پرماتما کان ملي آهي، جنهنجي ملڻ سان گروءَ جي ضرورت ڪانهي. ضرورت هوندي ته گرو ملندي، ڀڳوان کي اچڻو پوندو.

"कृष्ण वन्दे जगद् गुरुम्" اُهو جڳت گرو آهي. ڪنهن اچڻو پوندو. سڀ مهاتما سنت جڳت ۾ ڇو ٿا رهن؟ سنسار ۾ اچي، ڪنهن ڪم ڪرڻو هو، اُهو پورو ڪيائون ته ڪنهن اُنهيءَ وقت مري وڃڻ گهرجي. اُهي جيئن ٿا ته فقط اسان لاءِ جيئن ٿا. اسانجو اُنهن تي پورو پورو حق لڳي. ٻالڪ کي دک آهي ته ماتا جيئي ڇا لاءِ ٿي؟ ٻالڪ لاءِ ئي ماتا ناهي ته ماءُ کي مري وڃڻ کپي، اُنجي

سک جي واسطي، اُنجي لاءِ ڪيئن ڇڏي؟ اُنجي ڇڏڻ
جو ڏاڍو سولو اُپاءُ آهي. توهان ڪهڙيءَ طرح سوچيو ٿا
اسان کي ان کي ڇڏڻو آهي. اها ڇڏي وڃي - ايتري
لاءِ گهر جي (خود جي) گهر جي. انڪانسواءِ ڪوبه اُپاءُ
ڪم نه ايندو. انهيءَ کي توهان ڇڏڻ چاهيو ٿا، ايترا
توهان تيار ٿي وڃو. جلد ٿي اهو ڪم ٿي وڃي، اهڙو
اُپاءُ مون وٽ آهي. مون پستڪن ۾ جيڪي پڙهيو
آهي، سنتن کان جيڪي ٻڌو آهي، اُنهن مان ڪيترين
ئي ڳالهين ياد آهن. انجو سڌو، سرل اُپاءُ سڀني جي
ڪم جو آهي، سڀني پاڙن پيڙن لاءِ آهي، پڙهيلن،
اڻ پڙهيلن، ننڍن وڏن سڀني لاءِ آهي. مقصد اهو ئي
آهي ته هڪ ئي ڳالهه من ۾ رهي ته ان کي آرام ڪيئن
ملي، ان جو ڀلو ڪيئن ٿئي؟ اها اڇا لڳي وڃي ته
سک جي لاءِ ڇڏي ويندي. ڪري ڏسو. ڪاميابي نه
ملي ته اچي مون کان پڇو. تڪ (دليل) پٽاندر نه ڏسڻ
۾ اچي ته ڇڏيو ته دليل پٽاندر ڏسڻ ۾ ٿئي اچي. انهيءَ
۾ پرمارٿ جي ڪا اٽڪ ڪانهي. پرمارٿ ڀلائي ڀري
آهي. ڪهڙيءَ طرح اسان اُدم ڪرڻ کان پوءِ سگهون
ٿا، انهيءَ لاءِ هڪ اُپاءُ آهي.

ماڻهو ڀلائي ڀري ڪندا ته پرمارٿ اهڙي ٿي آهي.
وقت اهڙو اچي ويو. ايشور ڪرپا ڪانه ڪئي، سنو
گرو ڪونه مليو ۽ سنت مهاتما ڪونه مليا. ڪوبه ٻڌائڻ
وارو ڪونه آهي. اسان جو ڀاڳ اهڙو ئي آهي - اها

پڙهيو. مونکي حيرت ٿي لڳي تہ مهنجي پڙهڻ جي جيتري اِڇا آهي، اوتري توهانجي پڙهڻ جي اِڇا آهي ڇا؟

هڪ ٻہ ماڻهو ڪرڻ لاءِ تيار هجي تہ مان سمجهان تہ انهيءَ تمام وڏي ڪرپا مون تي ڪئي آهي. مون کي گهڻو ڌن ڏنو ويو، ڀوڄن ڏنو ويو، عزت ڏني، مهما ڪئي، سڀ ڏنو پر "مهنجو ڪلياڻ ٿئي"- اهڙيءَ اِڇا وارو هڪ پڻ ٻہ مهنجي سامهون اچي ۽ پڇي تہ مهنجو ڪلياڻ ڪيئن ٿئي؟ مان ڇا ڪريان؟ انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ چاهيان ٿو. سمجهڻ کي گيان مارگ چئجي ٿو. ٻئي کي سک پهچائڻ ڪرم يوگ آهي. ڀڳوان کي پنهنجو سمجهڻ، اُن ۾ پيار ڪرڻ، اهو ڀڳتي مارگ آهي. ڀڳوان بنا رهي نٿو سگهي، اهو ڀڳتي مارگ آهي.

ٽيئي مارگ آزاد آهن. هاڻي توهان کي جيڪو سٺو لڳي، سو ڪريو. انهن ۾ گهڻي طاقت ڀريل آهي. هاڻي توهان چئو تہ مون ۾ لڳن اٿئي ٿي، تہ تہ، اها ڳالهہ ڪانهي. رواجيءَ ڪسان رواجي ماڻهوءَ کي گهڻي لڳن ٿي سگهي ٿي. اوتري لڳن هتڙ جي گهڻي گنجائش آهي. سڀئي پرماتما جا انش انهيءَ ڪري پورن آهن. ڪڏهن ٻہ همت نہ هارڻ گهرجي. اڄ اِڇا ٿي تہ پرماتما هڪدم ملي!

جيئڻ جي ضرورت ڪانهي. اهڙيءَ طرح ٽي مهاتما پرش آهن. اهي سنسار ۾ جيئن ٿا ته، فقط سنسار جي جيون جي ڪلياڻ لاءِ جيئن ٿا. اهڙا مهاتما نه مليا، مهاتمائون نه مليا ائين چوڻ اجايو آهي. مهاتما نه ملندا ته اهي ڪيڏانهن ويندا؟ انهن کي مٽو پوندو. انهن کي لاچار ٿي اچڻو پوندو. جيڪڏهن اسان پرماتما کي چاهيون ٿا ۽ گروءَ جي ضرورت هوندي ته، اهو ايندو. ڀڳوان گروءَ کي موڪليندو. اهڙا گهڻا ئي واقعا ٿيا آهن. اها بلڪل سچي ڳالهه آهي. انهيءَ ڪري پرارٿنا ۽ ڪرم کي ڪا رنڊڪ ڪانهي. هڪ پڪي اڇا سان سڀ ڪجهه ٿي ويندو. اٽل اڇا هجي ته، پوءِ سڀئي اڇائون هوند پور ٿي وڃن، اُن ۾ ايتري طاقت آهي. اها بلڪل سچي ڳالهه آهي. انهن ڳالهين تي اسان سوال جواب ڪيا آهن، ڪتاب ڏنا آهن ۽ وچار ڪيو آهي.

پرمارٿ جي مارگ ۾ اسان کي سنتوش نٿو ٿئي. هاڻي ته منهنجي اها ئي کوج آهي ته جلد ۾ جلد ڪيئن ٿئي؟ ڪهڙو آهي اهو اُپاءُ؟ مان رڪجان ڪونه ٿو، سنتوش ڪونه ٿو ڪريان. منهنجي لگن اٽل ڪانهي. مگر ڀڳوان جي اهڙي عجيب ڪرپا آهي، جو مون کي اٽڪڻ نٿو ڏئي. اڳتي ڌڪو ڏئي ڇڏي ٿو. عجيب عجيب ڳالهيون آهن. ڇا ڇا ٻڌايان؟ ڪوئي سمجهي ته سمجهايان، ڪوئي پڇي ته ٻڌايان، اهڙي اندر ۾ زوردار اڇا ٿي رهي آهي. ماڻهو ته چون ٿا ته شام جو ستسنگ

سندر ڪتاب گهرايو

ويد پرڪاش :- ٽي ڀاڱا. جنهن ۾ اپنياس سان اندر کي آنند ملي ٿو. منجهن ڀڳتي، گيان ۽ ڪرم جا راز سمايل آهن. چئني ويدن مان چونڊ ويد منتر ارٿ ۽ سمجهاڻيءَ سان ڏنل آهن. پهريون ڀاڱو پڪو جلد ١٦ روپيا. ٻيو ڀاڱو ڪپڙي جي جلد سان ٢٥ روپيا ۽ ٽيون ڀاڱو پڪي جلد سان ٢٥ روپيا.

انسانيت جي راهه :- منجهس اوچ جيون گهارڻ لاءِ رستا ٻڌايل آهن ۽ نهايت پراثرائتا ڏنل آهن. قيمت چار روپيا.

سوامي ليلاشاهه واڻي :- هندي ۽ خواهه سنڌي ۾. هن ۾ سوامي ليلاشاهه مهاراج جا امرت وچن ڏنل آهن. روز پاٺ ڪرڻ جهڙا. پڪي جلد سان. قيمت ٧ روپيا.

روشن راهه :- برهمچريه باٻت لاثاني پستڪ. قيمت ٽي روپيا.

هندي - انگريزي - سنڌي (ديوناگري) ڊڪشنري :- هڪ هزار صفحا. ڪپڙي جي جلد سان. قيمت صرف ١٥ روپيا.

يوگ آسڻ :- يوگ ڪريائن ۽ آسڻن تي اڻيڪ چترن سان ڪارائتو پستڪ. قيمت چار روپيا.

ملڻ جو هنڌ :- آتم درشن پرڪاش منڊل
نواب جو ٻيڙو، اجمير

(Dr Mot Jain – New Delhi)